REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني سنڌيار سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اڱارو 19 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 05 جمادي الاثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 203

کراچي مان دهشتگردي ڪنهن ختم ڪئي؟ سنڌ ۾ اسان ڪوئلو ڪڍيو، ان مان بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي : ن ليگ سربراهه

ڪير ته پُڇا ڪري ها ته صبح جو وزيراعظم شام جو هائيجيڪر ڪيئن ٿي ويو؟ نواز شريف

اندازو ئي نه هو ته پٽ کان پڳهار نه وٺڻ تي عهدي تان فارغ ڪيو ويندو، مقصد رڳو وزيراعظم کي نيڪالي ڏيڻ هو ۽ هڪ سليڪٽڊ کي آڻڻ هو

آر ٽي ايس کي ويهاري جيڪا حڪومت آندي وئي، اها حڪومت به ڏاهي نه سگهي، اسان جي حڪومت ختم نه ڪئي وڃي ها ته موٽر ويز ٺهي وڃن ها

آءِ ايم ايف کي اسان خدا حافظ چيو هو، اسان پرڏيهي قرض واپس ڪري رهيا هئاسين، بجلي جي لوڊشيڊنگ ختم ٿي رهي هئي، سي پيڪ پاڪستان اچي رهيو هو

هڪ چونڊيل وزيراعظم کي رڳو ان ڪارڻ جي ڪري گهر پيڙو ڪيو ويو ته ان پنهنجي پٽ کان پڳهار نه ورتي، اِن کان وڌيڪ پاڪستان خلاف کهڙي سازش ٿي سگهي ٿي؟

ڪراچي ۾ اسان 2200 ميگاواٽ جو پاور پلانٽ لڳايو، مان چترال جي عوام کان پڇندس ته جيڪڏهن اهي مون کان سرنگ ٺهرائي وري ووٽ ٻئي ڪنهن ڪيئن ڏيندا : لاهور ۾ ڪارڪنن کي خطاب

لاهور (ويب ڊيسڪ) مسلم ليگ ن جي قائد نواز شريف جو چوڻ آهي ته اسان ترقي پسند ماڻهو آهيون، مان صبح جو وزيراعظم هئس ۽ شام جو هائيجيڪر بڻايو ويو. مسلم ليگ ن جي پارلياماني ڪميٽي جي 12 هين اجلاس کي خطاب ڪندي سندس چوڻ هو ته هو پنهنجي ڪيترن ئي سالن سان وڏي عرصي کانپوءِ ملاقات ڪري رهيو آهي. نوازشريف چيو آهي ته ڪيس اها سوچ به نه هئي ته پٽ کان پڳهار نه وٺڻ تي ڪيس برطرف ڪيو ويندو، نوازشريف چيو آهي ته پٽ کان پڳهار نه وٺڻ تي ڪيس برطرف ڪيو ويندو هن چيو ته آئين ۽ قانون ۾ گنجائش نه هجڻ باوجود وزيراعظم کي هٽائڻو پيو. بجلي جي لوڊشيڊنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: مسلم ليگ ن جي قائد نواز شريف ڪارڪنن کي خطاب ڪري رهيو آهي

غير قانوني نڪاح ڪيس، جيل ٽرائل جو حڪم

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسلام آباد جي سيشن ڪورٽ عمران خان ۽ سندس گهرواري بشرا بي بي جي مبينا غير قانوني شادي ڪيس ۾ جيل ٽرائل جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ سول جج قدرت الله پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ بشرا بي بي خلاف مبينا غير قانوني نڪاح ڪيس جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ويڙهه سان ڪجهه به نه ملندو، اسلام آباد وارن بلوچستان کي سڃاتوئي نه آهي: آصف زرداري

اسان بلوچستان کي امن، اسپتالون ۽ پاڻي به ڏينداسين، سمورين جماعتون اقتدار ۾ اچڻ چاهين ٿيون پر پيپلزپارٽي عوام لاءِ اقتدار ۾ اچڻ چاهي ٿي

دنيا اسان کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، اسان 40 سالن تائين افغانين جي مهمان نوازي ڪئي پر افغان اڄ به اسان کي پنهنجو سمجهڻ لاءِ تيار نه آهن

اسان بلوچستان کي اهڙي جاءِ تان پاڻي ڏينداسين جو ڀارت سميت ڪير به نه روڪي سگهندو، چين اسان جو پارٽنر هوندو

منهنجي لاءِ اها اعزاز جي ڳالهه آهي ته مان پيپلزپارٽي ۾ شموليت اختيار ڪري رهيو آهيان، نفرت ۽ قوم پرستي جي سياست اسان کي ڪجهه نه ڏنو آهي : سرفراز بگٽي

جهڙي طرح سنڌ ۾ روڊن جو ڄار وڇايو ويو اهڙي طرح اميد آهي ته هتي به ضلعن کي پاڻ ۾ جوڙيو ويندو : تربت ۾ ورڪرز ڪنونشن کي خطاب

تربت (م د) اڳوڻي صدر آصف زرداري چيو آهي ته سڀ ڪجهه ٿي ويندو پر ويڙهه سان ڪجهه به نه ٿيندو. اسلام آباد وارن بلوچستان کي سڃاتو ئي نه آهي. اسان بلوچستان جي مسئلن کان واقف آهيون. تربت ۾ ورڪرز ڪنونشن کي خطاب دوران آصف زرداري چيو ته اسان بلوچستان کي امن، اسپتالون ۽ پاڻي به ڏينداسين، سمورين جماعتون اقتدار ۾ اچڻ چاهين ٿيون پر پيپلزپارٽي عوام لاءِ اقتدار ۾ اچڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

تربت: اڳوڻو صدر آصف زرداري ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

غير پرڏيهي پرڏيهين کي ترسائي قومي سلامتي تي وڌيڪ سوديبازي نه ڪنداسين: نگران وزيراعظم

اسان جو مقصد پاڪستان کي محفوظ، پرامن ۽ خوشحال بڻائڻ آهي : انوارالحق ڪاڪڙ

برطانيا، فرانس، جرمني ۽ اٽلي سميت مختلف ملڪن ۾ به پناهگيرن جي حوالي سان مسئلا آهن

اسان رضاڪارانه طور رجسٽريشن ۽ ڏيهه واپسي جا ڪيترائي موقعا فراهم ڪيا

اسلام آباد (م د) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو آهي ته غير دستاويزي پرڏيهين کي رهائي قومي سلامتي تي وڌيڪ سوديبازي نٿا ڪري سگهون. انوار الحق ڪاڪڙ پرڏيهي اخبار ۾ غير قانوني پرڏيهين تي پنهنجي خاص تحرير ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ملڪ ۾ 12 ڪروڙ 85 لک 85 هزار 760 ووٽرن جو انگ ٿي ويو: اليڪشن ڪميشن

ملڪ ۾ مرد ووٽرز جي شرح 53.87 سيڪڙو جڏهن ته عورت ووٽرز جي شرح 46.13 سيڪڙو آهي

بلوچستان ۾ ووٽرز جو انگ 53 لک 71 هزار 947 آهي، جنهن ۾ مرد ووٽرز جو انگ 30 لک 16 هزار 164 ۽ عورت ووٽرز جو انگ 23 لک 55 هزار 783 آهي

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن 8 فيبروري جي عام چونڊن کان اڳ ملڪ ۾ رجسٽرڊ ووٽرز جا انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا آهن. اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب ملڪ ۾ ووٽرز جو انگ 12 ڪروڙ 85 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ٽرڪول بابت نواز شريف جو بيان اميدوارن کي متاثر ڪرڻ لاءِ آهي: مراد علي شاهه

نواز شريف جيڪي ڳالهيون ڪيون اهي ٻڌيون آهن، سنڌ مان ن ليگ جي ٽڪيٽ لاءِ درخواستون ئي ناهن ڏنيون ويون

حيدرآباد موٽروي جو افتتاح نواز شريف ضرور ڪيو هو پر ٿر ۾ ڪوئلي جي دريافت 32 سال اڳ ٿي

رينجرز اسان جو ساٿ ڏنو، سنڌ حڪومت رينجرز کي امن امان ۾ سهڪار تي ادائيگي به ڪندي آهي

ڪراچي: سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير مراد علي شاهه (فائيل فوٽو)

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته ٽرڪول بابت نواز شريف جو بيان اميدوارن کي متاثر ڪرڻ لاءِ آهي. ن ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ملڪ ۾ انٽرنيٽ سروس متاثر ٿيڻ جي شڪايت تي جاچ ڪئي پئي وڃي: پي ٽي اي

اسلام آباد (م د) پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) وضاحت ڏيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

شيڊول اچڻ کانپوءِ تڪبندين تي اعتراض نٿو ڪري سگهجي: عدالت

اليڪشن ڪميشن جو سيني وڏو امتحان آهي ته 8 فيبروري تي چونڊون شفاف ٿين : جسٽس اطهر من الله

جڏهن چونڊن جو شيڊول جاري ٿيندو ته سڀ ڪجهه رڪجي ويندو آهي

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ حلقه بندين تبديل ڪرڻ جو بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو آهي. سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بينچ جسٽس سردار طارق مسعود جي سربراهي ۾ ڪوئٽه جي 2 صوبائي سيٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪوئيٽا ۾ پارو ڪاٽو 3 ٿيڻ کانپوءِ ڪراچي ۾ به ٿڌ وڌي وئي

سڄي سنڌ ۾ موسم خشڪ ۽ رات جو ٿڌ وڌڻ جو امڪان آهي : موسميات کاتو

ڪراچي ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران موسم خشڪ ۽ رات جو ٿڌ وڌڻ جو امڪان آهي

ڪراچي (م د) ڪوئيٽا ۾ پارو ڪاٽو 3 ٿيڻ کانپوءِ ڪراچي ۾ به ٿڌ وڌي وئي. موسميات کاتي موجب سڄي سنڌ ۾ موسم خشڪ ۽ رات جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

25 مئي لانگ مارچ، ڀڃ ڊاهه ۽ ٻاهين جي ڪيس مان عمران خان ۽ اسد عمر بري

ڪيس جي ٻڌڻي سول جج نويد خان ڪئي، عدالت ٻين جوابدارن جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي 24 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي

عمران خان ۽ اسد عمر خلاف ڪورال ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ٿيل هو

عمران خان جي وڪيل نعيم پنجوٿا ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ درخواست جمع ڪرائي هئي

اسلام آباد (م د) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت 25 مئي تي لانگ مارچ، ڀڃ ڊاهه ۽ ٻاهين جي ڪيسز ۾ اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: پي ٽي آءِ جو اڳوڻو چيئرمين عمران خان ۽ اسد عمر (فائيل فوٽو)

رپئي جي قدر ۾ واڌ جاري، ڊالر وڌيڪ سستو ٿي ويو

ڪراچي (م د) ڪاروباري هفتي جي پهرئين ڏينهن به رپئي جي ڀيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڀارت ۾ ڪورونا وبا ٻيهر ڪر کڻڻ لڳي، نيون پابنديون لاڳو

ڪيرالا ۾ ڪورونا جي نون ڪيسن ۾ مبتلا گهڻن مريضن کي ڏٺو ويو

اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي ۽ حڪومت پابندين جو اعلان ڪري ڇڏيو

نئين دهلي (م د) ڀارتي رياست ڪيرالا ۾ ڪورونا ڪيسن ۾ پريشان ڪندڙ حد تائين واڌ سبب حڪومت پابندي لاڳو ڪري ڇڏيون. ڀارتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ملڪي ڪرنٽ اڪائونٽ 90 لک ڊالر سرپلس ٿي ويو: اسٽيٽ بئنڪ

نومبر 2023 ۾ ملڪ جو ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو 5 مهينن کانپوءِ پهريون ڀيرو سرپلس رهيو

آڪٽوبر ۾ ملڪي ڪرنٽ اڪائونٽ 18 ڪروڙ 40 لک ڊالر خساري ۾ هو

هلندڙ مالي سال جي پهرين 5 مهينن ۾ ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو 1.16 ارب ڊالر رهيو

ڪراچي (م د) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان چيو آهي ته نومبر 2023 ۾ ملڪ جو ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو 5 مهينن کانپوءِ پهريون ڀيرو سرپلس رهيو. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جو چوڻ آهي ته نومبر ۾ ملڪي ڪرنٽ اڪائونٽ 90 لک ڊالر سرپلس ٿي ريو. آڪٽوبر ۾ ملڪي ڪرنٽ اڪائونٽ 18 ڪروڙ 40 لک ڊالر خساري ۾ هو. اسٽيٽ بئنڪ موجب هلندڙ مالي سال جي پهرين 5 مهينن ۾ ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو 1.16 ارب ڊالر رهيو، جڏهن ته گذريل مالي سال جي پهرين 5 مهينن ۾ ملڪ ڪرنٽ اڪائونٽ 3.26 ارب ڊالر خساري ۾ هو. ماهرن جو ان حوالي سان چوڻ آهي ته برآمدن ۾ واڌ ۽ درآمدن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: صدر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان ۾ هر 5 مان هڪ ٻار غذائي کوٽ جو شڪار

پاڪستان ۾ 22 سيڪڙو ٻار گهٽ وزن سان پيدا ٿيندا آهن : ڊاڪٽر نديم جان

پاڪستان ۾ 10 سال اڳ به صحت ۽ غذا جي حوالي سان حالتون بهتر نه هيون

اسلام آباد (م د) صحت واري نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر نديم جان چيو آهي ته پاڪستان ۾ هر 5 مان هڪ ٻار غذائي کوٽ جو شڪار آهي. ڊاڪٽر نديم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

نادرا مراد سعيد، حماد اظهر سميت 18 پي ٽي آءِ اڳواڻن جا سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪري ڇڏيا

پوليس 9 مئي واقعن ۾ ملوث 18 اشتهارن جا سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪرڻ جي نادرا کان درخواست ڪئي هئي

سمورا جوابدار اي ٽي سي ۾ عدالت ۾ پيش ٿيڻ کان سواءِ قانون حق حاصل نٿا ڪري سگهن : پوليس

جاچ ۾ شامل ٿيڻ تائين جوابدارن جا قومي سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ رهندا

تحريڪ انصاف اڳواڻ مراد سعيد ۽ حماد اظهر (فائيل فوٽو)

اسلام آباد (م د) 9 مئي واقعن ۾ ملوث مراد سعيد ۽ حماد اظهر سميت پاڪستان تحريڪ انصاف جي 18 اڳواڻن جا نادرا سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪري ڇڏيا آهن. پوليس 9 مئي واقعن ۾ ملوث 18 اشتهارن جا سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪرڻ جي نادرا کان درخواست ڪئي هئي جنهن تي ڪارروائي عمل ۾ آندي وئي. پوليس اختيارين موجب سمورا جوابدار اي ٽي سي ۾ عدالت ۾ پيش ٿيڻ کان سواءِ قانون حق حاصل نٿا ڪري سگهن. جاچ ۾ شامل ٿيڻ تائين جوابدارن جا قومي سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ رهندا. پوليس ٻڌايو آهي ته 18 اشتهاري جوابدار جن جا سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪيا ويا آهن انهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پاڪستان ۾ موجود پنج هزار سال قديم شهر جي کوٽائي جو فيصلو

کوٽائي ۾ دلچسپي رکندڙن کان ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ درخواستون گهرايون وينديون

ماهرن جي ٽيم ڪجهه ڏينهن اڳ گنويري واري جي قديم آثارن جو دورو ڪيو هو

لاهور (م د) پنجاب حڪومت چولستان جي رڻ ۾ دفن پنج هزار سال پراڻي شهر گنويري واري جي کوٽائي جو فيصلو ڪري ورتو. ان قديم شهر جي کوٽائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سپريم ڪورٽ چونڊن ۾ دير جا سمورا در بند ڪري ڇڏيا

چونڊ شيڊيول جاري ٿيڻ کانپوءِ تڪبندين تي اعتراض نٿو ڪري سگهجي : جسٽس سردار طارق

جسٽس سردار طارق جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ ايندڙ سال فيبروري ۾ ٿيندڙ عام چونڊن ۾ دير جا سمورا در بند ڪري ڇڏيا. جسٽس سردار طارق جي سربراهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير فواد حسن فواد اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪرپشن ڪيس: فواد چوڌري جي ضمانت منظور، عدالت آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

عدالت فواد چوڌري جي ضمانت منظور ڪندي ڪيس 2 لک روپين جا ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو

خصوصي عدالت فواد چوڌري کي ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ تي آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو

اينٽي ڪرپشن پوليس فواد چوڌري کي گرفتار ڪري جوڊيشل ريمانڊ تي جيل اماڻيو هو

راولپنڊي (م د) اينٽي ڪرپشن ڪورٽ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جي ضمانت منظور ڪندي ڪيس آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. دهشتگردي جي انت واري خصوصي عدالت ڪرپشن جي ڪيس ۾ گرفتار اڳوڻي وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي چونڊ خلاف فيصلو محفوظ

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراهي ۾ 5 رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي

اليڪشن ڪميشن 20 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ جو چيو، جنهن تي اسان آرڊر تحت چونڊون ڪرايون : بئريسٽر علي ظفر

ڪمشنر صاحب، اسان اهو نٿا چئي سگهون ته اچو ۽ اليڪشن وڙهون، اليڪشن وڙهڻ رضاڪارانه آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن پاڪستان تحريڪ انصاف جي انٽرا پارٽي اليڪشن خلاف درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراهي ۾ 5 رڪني بينچ پي ٽي آءِ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ شير افضل مروت کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

پي ٽي آءِ اڳواڻ شير افضل مروت کي پوليس ڪجهه ڏينهن اڳ 3 ايم پي او جي تحت گرفتار ڪيو هو

جج شير افضل مروت جي ضمانت منظور ڪندي ڪيس ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ کان پوءِ آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ جي سينئر نائب صدر شير افضل مروت کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. رپورٽ موجب پي ٽي آءِ اڳواڻ شير افضل مروت کي پوليس ڪجهه ڏينهن اڳ 3 ايم پي او جي تحت گرفتار ڪيو هو سندس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نگران سنڌ حڪومت مڪمل طور تي غير جانبدار آهي ۽ اليڪشن جا فرض سرانجام ڏيڻ لاءِ تيار آهي: محمد احمد شاهه

قائداعظم جي پاڪستان کي سندس قولن موجب سيني جي حقن جو ضامن پاڪستان بڻائينداسين

سنڌ حڪومت ۽ ڪي ايم سي گڏيل طور تي قائداعظم جي سالگرهه ۽ ڪرسمس جون تقريبون منعقد ڪندا

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي سالگرهه جي حوالي سان سنڌ جي نگران اطلاعات، اقليتي معاملن ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير محمد احمد شاهه سان گڏ نگران قانون واري وزير عمر سومرو ۽ ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پنهنجي گهر جو خواب پورو، ڪي ڊي اي وڏو اعلان ڪري ڇڏيو

نئين سال کان اڳ ڪمپيوٽرائزڊ لينڊ رڪارڊ سسٽم جو افتتاح ٿي ويندو

ڪراچي وارن لاءِ پنهنجي گهر جو خواب ضرور پورو ٿيندو : نويد انور

ڪراچي (م د) ڪراچي وارن لاءِ وڏي خوشخبري اچي وئي. ڪراچي ڊيولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي) پيپلز اسڪاءِ ويو هائوسنگ پراجيڪٽ جا اڳهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ حڪومت چونڊن لاءِ اليڪشن ڪميشن کي سمورين سهولتون ڏيڻ جو يقين ڏياري ڇڏيو

سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد فخر عالم سان صوبائي اليڪشن ڪمشنر شريف الله ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ عام چونڊن ۾ انتظامن جي حوالي سان تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

سنڌ حڪومت طرفان چونڊون پرامن منعقد ڪرڻ لاءِ سمورين تياريون ڪيون ويون آهن : ڊاڪٽر فخر عالم

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت عام چونڊن جي لاءِ اليڪشن ڪميشن کي سمورين سهولتون ڏيڻ جو يقين ڏياري ڇڏيو آهي. سنڌ جي چيف / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: ايڊيشنل سيڪريٽري اسپورٽس ڊپارٽمينٽ سنڌ توفيق احمد جناح ڪرڪيٽ ٽرافي ٽورنامينٽ جو شارٽ هٽي افتتاح ڪندي

ايڊيشنل سيڪريٽري اسپورٽس ڊپارٽمينٽ سنڌ توفيق احمد جناح ڪرڪيٽ ٽرافي ٽورنامينٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي رانديڪن ۽ نوجوانن جي معاملن کاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري محمد توفيق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سيالڪوٽ: شادي تقريب ۾ اسٽيج تي ويٺل گهوٽ اوچتو لاڏاڻو ڪري ويو

واقعي جي وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته گهوٽ اسٽيج تي ويٺو هو

گهوٽ جو موت دل جو دورو پوڻ سبب ٿيو

سيالڪوٽ (م د) سيالڪوٽ جي تعلقي ڊسڪا پرسان هڪ ڳوٺ ۾ شادي تقريب دوران گهوٽ لاڏاڻو ڪري ويو. واقعي جي وڊيو ۾ ڏسي سگهجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي ۾ خوفناڪ ڌماڪو، عمارت تباهه، 3 ڄڻا فوت

ماڙي پور مڇر ڪالوني ۾ جعفر چوڪ جي ويجهو سلينڊر ڌماڪي سبب عمارت ڊهي پٽ پئجي وئي

مڇر ڪالوني ۾ سلينڊر ڌماڪي سبب 3 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن : ريسڪيو عملدار

ريسڪيو ٽيمون موقعي تي موجود آهن ۽ امدادي ڪارروايون جاري آهن : پوليس

ڪراچي (م د) ڪراچي جي علائقي ماڙيپور ۾ سلينڊر ڌماڪي سبب عمارت ڊهي پٽ پئجي وئي، 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. ماڙي پور ۾ سلينڊر ڌماڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر ڪوثر عبدالله تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ماهرن موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي آلودگي تي ڳڻتي جو اظهار ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) موسمياتي تبديلي ۽ ان جي ٿيندڙ اثرن تي ڪم ڪندڙ ماهرن موسمياتي تبديلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: وڪيل جي ڪوٽ ۾ موجود موبائل فون ڦاٽي پيو

موبائل فون مان دونهون نڪرڻ تي وڪيل ڪوٽ لاهي ڦٽو ڪري ڇڏيو

رات جوان کي مڪمل چارج ڪيو هو ۽ پاور بئنڪ به نه لڳل هئي : وڪيل

اسلام آباد (م د) اسلام آباد ڪچهري ۾ وڪيل جي ڪوٽ ۾ موجود موبائل فون ڦاٽي پيو. اسلام آباد ڪچهري ۾ موجود وڪيل جي ڪوٽ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

گجر، اورنگي ۽ محمود آباد نالن جي متاثرن جي معاوضي بابت ڪيس، ميئر ۽ ٻيون ڌريون طلب

متاثرين کي ڀاڙي جي مد ۾ ڪافي چيڪ مليا آهن پر متبادل گهر ڏيڻ واري حڪم تي عمل نه ٿيو آهي : متاثرين جو وڪيل

ٻڌڻي جي موقعي تي عدالت ٻاهران گجر، اورنگي ۽ محمود آباد نالن جي متاثرن جو احتجاج

ڪراچي (م د) سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري ۾ گجر، اورنگي ۽ محمود آباد نالن جي متاثرن کي معاوضن جي ادائگي واري ڪيس جي ٻڌڻي، عدالت عملدرآمد نه ٿيڻ تي ڪراچي جي ميئر ۽ ٻين اختيارين کي طلب ڪري ورتو آهيمتاثرين جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

بلوچستان مان ڪراچي ايندڙ ڪنٽينر جي ڦيٿي مان هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جو چرس هٿ

ديهه مائي گاڏي مان گذرندڙ ٽرالر جي شڪ جي بنياد تي تلاشي ورتي وئي

برآمد چرس ۽ ٽرالر کي ضبط ڪري ٽرڪ تي سوار ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) بلوچستان مان ايندڙ خالي ڪنٽينر جي اسپيئر ويل مان 70 ڪلو چرس برآمد ڪيو ويو. ڪليڪٽر ڪسٽمز انفورسمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پاڪستان معاهدي باوجود ايل اين جي نه ڏيڻ تي پرڏيهي ڪمپني خلاف عالمي عدالت پهچي ويو

پاڪستان جي درخواست تي عالمي ثالثي عدالت لنڊن ۾ ايندڙ مهيني ڪيس لڳڻ جو امڪان آهي : ذريعا

پرڏيهي ڪمپني طرفان معاهدي موجب ايل اين جي سپلاءِ نه ڪئي وئي هئي ۽ ان سان پاڪستان کي ڪروڙين ڊالرن جو نقصان ٿيو هو

اسلام آباد (م د) پاڪستان معاهدي باوجود ايل اين جي نه ڏيڻ تي پرڏيهي ڪمپني خلاف عالمي ثالثي عدالت پهچي ويو. ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان جي درخواست تي عالمي ثالثي عدالت لنڊن ۾ ايندڙ مهيني ڪيس لڳڻ جو امڪان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي: پ پ جي اڳوڻي ايم پي اي منور علي وساڻ جي مان ۾ عوامي ميڙ اڪو

گذريل ٽن مهينن جي اندر تمام وڏي محنت ڪري پارٽي کي هن تڪ اندر مضبوط ڪيو ويو آهي: منور وساڻ

عوام هاڻي سمجهي چڪو آهي ته پ پ ڪانسواءِ ٻي ڪا به پارٽي عوام جي ترجمان پارٽي نه آهي

بلاول ڀٽو زرداري به پنهنجي شهيد امڙ جي نقش قدم تي هلندي هن ملڪ جي عوام جي خدمت ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سجل ڳوٺ جي مين چوڪ تي سيف الله مغيري سرفراز شيخ ۽ سليم احمد شاهه پاران پ پ جي اڳوڻي ايم پي اي منور علي وساڻ جي مان ۾ عوامي ميڙ اڪو ڪرايو ويو جنهن ۾ پ پ جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪراچي: پ پ اڳواڻ منور وساڻ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

بدين: تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي ڪرڻ باوجود گاڏين جي مالڪن ڪرايا نه گهٽايا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) وفاقي حڪومت پاران تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي ڪرڻ باوجود گاڏين جي مالڪن ڪرايا نه گهٽايا مسافر سخت پريشان مسافرن ۽ ٽرانسپورٽرن وچ ۾ منهن چڪتاڻ روز جو معمول بڻيل تفصيل موجب وفاقي سرڪار پاران تازو پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه گهٽائڻ باوجود به بدين ضلعي ۾ ٽرانسپورٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

گهاري شهر ۾ حدخلين خلاف گڏيل آپريشن

روڊ تي بيٺل ريڙهن، مانڊڻين سميت سمورين حدخلين کي هٽايو ويو

کلي ڪچهري دوران ڊي سي کي شهرين پاران شڪايت ڪئي وئي هئي

گهارو (رپورٽر بشام جوکيو) ريونيو عملي، ٽائون عملي ۽ اينٽي انڪروچمنٽ پوليس پاران گهاري شهر ۾ حدخلين خلاف گڏيل آپريشن ڪيو ويو ڪارروائي دوران قومي شاهراهه جي ڀرسان پاسي روڊ تي بيٺل ريڙهن، مانڊڻين سميت سمورين حدخلين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

دادو جي چاڻو شاهه آباد جي رهواسڻ پاران مڙس سميت احتجاج

محرم چانڊيو ۽ ٻين نامعلومن اسان جو جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو آهي: ريحانه چانڊيو

اسان جي گهر مٿان هوائي فائرنگ ڪن ٿا، اسان جي زندگين کي خطرو آهي، تحفظ ڏنو وڃي

دادو (ن سنڌيار) دادو شهر جي چاڻو شاهه آباد جي رهواسڻ ريحانه پنهنجي مڙس رستم چانڊيو سان گڏجي دادو پريس ڪلب پهچي پنهنجي ساهرن خلاف صحافين آڏو دانهيو ته منهنجا ڏير طالب، جان محمد، سونهارو، ادريس، محرم چانڊيو ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو: عورت مڙس سميت ڏيرن خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

پرياروڊ پرسان ڳوٺ نبي بخش راڄپر جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

نوجوان کي زخمي ڪندڙ جا مک جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ۽ پرياروڊ پوليس جي زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو

اسان جي نوجوان راشد علي کي موٽرسائيڪل جي ڦر دوران مزاحمت تي گولين هڻي ڪيس مرٽينگ ڪري ڇڏيو: مظاهرين

هن وقت تائين پرياروڊ پوليس مک جوابدار ۽ علائقي جي وڏي ڌاڙيل ميان بخش راڄپر کي گرفتار ناهي ڪري سگهي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پرياروڊ پرسان ڳوٺ نبي بخش راڄپر جي رهواسين پاران نوجوان کي زخمي ڪندڙ جا مک جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ۽ پرياروڊ پوليس جي زيادتين خلاف پريس ڪلب نوشهروفيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، مظاهري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڳوٺاڻا احتجاج ڪندي

ڪراچي: شاهنواز شر ڳوٺ ۾ ڪليل گٽر ۾ ڪرڻ سبب 75 سالن جو پيرسن علي گوهر سولنگي فوت ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي شاهنواز شر ڳوٺ ۾ ڪليل گٽر ۾ ڪرڻ سبب 75 سالن جو پيرسن علي گوهر سولنگي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي علاج لاءِ اسپتال ڏانهن نيو ويو مگر زخمي ٿيل پيرسن اسپتال ۾ فوت ٿي ويو هو ڏانهن سنڌ سولنگي اتحاد سنڌ جي وائيس چيرمين اياز سولنگي ۽ يوسف سولنگي رجب سولنگي سراج سولنگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

خانپور مهر گاجي مائينر کي ڳوٺ سخيرو ملڪ وٽان 60 فوٽ گهارو

گهارو لڳڻ ڪري سوين ايڪڙن تي پوکيل ڪٽڪ ۽ ٻيو فصل پاڻي هيٺ اچي ويو

گهارو لڳڻ بعد ڀرپاسي جا ڳوٺاڻا وڏي تعداد ۾ گهارو بند ڪرڻ لاءِ پهچي ويا

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر گاجي مائينر کي ڳوٺ سخيرو ملڪ وٽان 60 فوٽ گهارو، سوين ايڪڙن تي پوکيل فصل پاڻي هيٺ، خبر موجب خانپورمهر ويجهو گاجي لوئر مائينر کي آر ڊي 134 ڳوٺ سخيرو ملڪ وٽان 60 فوٽن جو گهارو پئجي ويو. گهارو لڳڻ ڪري سوين ايڪڙن تي پوکيل ڪٽڪ ۽ ٻيو فصل پاڻي هيٺ اچي ويو. گهارو لڳڻ بعد ڀرپاسي جا ڳوٺاڻا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مانجهند پريس ڪلب جون چونڊون، عهديدار چونڊيا ويا

چونڊن ۾ گلزار ملاح صدر محسن خاصخيلي سيڪريٽري منتخب

سينئر صحافي ڏتي بخش باريجو بادي کان حلف ورتو

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند پريس ڪلب جون چونڊون. گلزار ملاح صدر محسن خاصخيلي سيڪريٽري منتخب سينئر صحافي ڏتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

بسپ ۾ سروي ڪرائڻ جي آخري تاريخ 31 ڊسمبر ناهي: ڊائريڪٽر حبيب الرحمان رند

مستحق عورتن کي ملندڙ وظيفي واري رقم مان ڪا به ڪٽوتي برداشت نه ڪبي، پئسا پورا ڏيو ۽ اخلاق سان پيش اچو

عورتن کي ٻيهر سروي ڪرائڻ لاءِ ترتيب سان موبائيل فون تي 8171 تان سروي جا پيغام موصول ٿيندا رهندا

شهدادپور (رپوٽ) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) ۾ سروي ڪرائڻ جي آخري تاريخ 31 ڊسمبر ناهي، اهڙي افواهه ڦهلائيندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي، سروي 30 جون 2024 تائين هلندي، مستحق عورتن کي ملندڙ وظيفي واري رقم مان ڪا به ڪٽوتي برداشت نه ڪبي، پئسا پورا ڏيو ۽ اخلاق سان پيش اچو شڪايت جي صورت ۾ ڊوائيز هولڊر خلاف سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڏهرڪي: سنڌ جي تعليم کاتي ۾ استادن جي ڪوٽ پوري نه ٿي سگهي، تدريسي عمل متاثر

پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ٽيسٽ پاس اميدوار ٻن سالن کان آفر آرڊر ۽ جوائننگ ملڻ جي آسري ۾ ويٺل

استادن جي ڪوٽ ختم ڪرڻ جي لاءِ آئي بي اي ذريعي استادن کي ڀرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو

سنڌ حڪومت جي آخري ٻن هفتن ۾ استادن جي ڀرتي تي بندش جو فيصلو ڪيو ويو جيڪو اڃا تائين برقرار

ڏهرڪي (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) سنڌ جي تعليم کاتي ۾ استادن جي ڪوٽ پوري نه ٿي سگهي، پرائمري اسڪولن جي هڪ وڏي انگ ۾ استادن جي ڪوٽ سبب سنڌ جي هزارين ٻارڙن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي. 25 هزار کان وڌيڪ ويٽنگ لسٽ ۾ موجود پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

هزارين استادن جي ڪوٽ پوري ڪرڻ جي لاءِ بنا دير استادن جي ڀرتي وارو عمل شروع ڪيو وڃي: اميدوار

ڏهرڪي: آئي بي اي ٽيسٽ پاس 40 سيڪڙو کان وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

40 سيڪڙو کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ اميدوارن کي ڀرتي ڪرڻ جو حڪم به ڏنو ويو هو

ڏهرڪي: واضح رهي ته ان کان اڳ سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ سکر اهو حڪم ڏئي چڪي آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽنڊو آدم جي استادن ۽ عهديدارن جي کلي ڪچهري

تنظيمي مسئلن، استادن جي مسئلن ۽ ڪرپشن بابت راءِ جو اظهار

پ ٽ الف پگهارن ۽ ڊفرنس بل ڪرايا آهن، جيڪو سٺو عمل آهي: اڳواڻ

ٽنڊو آدم (رپورٽر) تعلقه ٽنڊو آدم جي استادن ۽ عهديدارن جي کلي ڪچهري گورنمينٽ پرائمري سنڌي مين اسڪول ٽنڊو آدم ۾ ضلعي صدر حاجي ناظر حسين نظاماڻي جي صدارت ۾ ٿي، جنهن ۾ تنظيمي مسئلن، استادن جي مسئلن ۽ ڪرپشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا

4 مهينن کان وڌيڪ جو عرصو ٿيڻ باوجود قاتل آزاد، حڪمرانن جون خاطريون ۽ پوليس جون دعوائون بي اثر

عدالتي حڪم به لاڳيتو نظرانداز، صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، وارث به انصاف لاءِ منتظر ٻڌيل

افسوس جي ڳالهه آهي ته صحافي برادري جي احتجاج باوجود قاتل گرفتار نه ڪيا ويا آهن: اڳواڻ

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي اڃان تائين گرفتار نه ڪيو ويو 4 مهينن کان وڌيڪ جو عرصو ٿيڻ باوجود قاتل آزاد، حڪمرانن جون خاطريون ۽ پوليس جون دعوائون بي اثر، عدالتي حڪم به لاڳيتو نظرانداز، صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سکر: صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

غلام پرسان روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو

ٺٽو (ٻ) 3 راتيون اڳ غلام پرسان درگاهه معصوم شاهه وٽ نامعلوم گاڏي سوارن پاران پنهنجي گهر ويندڙ عارب پٽ ڪمون ملاح کي روڊ تي ڌڪ هڻي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا هئا، جيڪو ڪافي وقت روڊ تي تڙپندو رهيو، جنهن کي ڪراچي اسپتال پهچائي اتي ڪيس داخل ڪرايو ويو جيڪو زخمن جا تاب نه سهندي فوت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي جي لياقت نيشنل لائبريري هال ۾ ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو

سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سميت نوجوان شاگردن سنڌي اجرڪون ۽ ٽوپيون پائي شرڪت

فنڪار هاشم حيسن ۽ تجمل شاهه گيت ڳائي پنڊال ۾ ويٺل ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر ڀنڀرو) يوٿ پارليامنٽ ۽ سينٽر فار لاءِ ايجوڪيشن اينڊ ڊيولپمنٽ اينشيٽوز پاران لياقت نيشنل لائبريري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪراچي: تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

موري پرسان زرداري برادري ۾ هلندڙ تڪرار سبب ڪيترائي ماڻهو گولين جو کاڄ بڻجي ويا

غلام نبي عرف ونجهو زرداري ۽ سندس ڀاءُ قاسم زرداري ٽڏي تي گولين لڳڻ سبب قتل ٿي ويا هئا

پ پ جي پراڻي ورڪر مرحوم ڦوٽو خان زرداري جي ڊر جو بگهو زرداري پڻ گولين جو کاڄ بڻجي موقعي تي قتل ٿي ويو

ڪلاڪن کان مورو ڪورٽ اڳيان لاش رکي ٽائرن کي باهيون ڏئي احتجاج، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏيارڻ جي گهر

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) گذريل چار ڏينهن اڳ مورو پرسان ڌنمبير ۾ زرداري برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ تڪرار سبب زرداري برادريءَ جا ڪيترائي ماڻهون گولين جو کاڄ بڻجي ويا، جن ۾ غلام نبي عرف ونجهو زرداري ۽ سندس ڀاءُ قاسم زرداري ٽڏي تي گولين لڳڻ سبب قتل ٿي ويا هئا. جڏهن ته پ پ جي پراڻي ورڪر مرحوم ڦوٽو خان زرداري جي ڊر جو بگهو زرداري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين شهر اندر ضلعي انتظاميا حد دخلين هٽائڻ ۾ مڪمل ناڪام

شهر جا روڊ، گاڏن، پڙين ۽ چنگچي رڪشا بيهارڻ سبب ايندڙ ويندڙ ماڻهن لاءِ وڏو عذاب بڻيل

شهر اندر ضلعي انتظاميا پاران توجهه نه ڏيڻ ڪري عوام حد دخلين سبب سخت پريشان آهي: رهواسي

نوٽيس وٺي اندر وڌندڙ حد دخلين جو آزار ختم ڪري عوام کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر اندر ضلعي انتظاميا حد دخلين هٽائڻ ۾ مڪمل ناڪام، شهر جا روڊ گاڏن پڙين ۽ چنگچي رڪشا بيهارڻ سبب ايندڙ ويندڙ ماڻهن لاءِ وڏو عذاب ٽريفڪ نظام کي درست ڪندڙ ٽريفڪ عملي جا اختيار محدود هجڻ ڪري مختلف گاڏين سوزڪين چنگچي رڪشائن جا ڊرائيور ون وي جي خلاف ورزي ڪندا آهن سمورو سسٽم ناڪاره /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

چونڊن ۾ ڌانڌلي ٿي ته جميعت علماءِ اسلام رستو روڪ ڪندي: علامه راشد محمود سومرو

جنهن پارٽي 15 سالن کان اقتدار ۾ آهي اها اليڪشن کان پهرين جي راهه هموار ڪرڻ ۾ رڌل آهي

اسڪول جي هيڊ ماسٽر ۽ ٽيچرز کي ار او ۽ ار او مقرر ڪرڻ سان بدنيتي ظاهر ٿئي ٿي

سنڌ جو عوام هاڻ سجاڳ ٿي ويو آهي اسان سنڌ جي باشعور عوام جي عدالت ۾ آهيون

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) جميعت علماءِ اسلام پاڪستان جي صوبي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري علامه راشد سومرو جي قيادت تي اعتماد ڪندي امير بخش عرف مير جو جميعت علماءِ اسلام پاڪستان ۾ شموليت اختيار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر: علامه راشد محمود سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

دادو پرسان هٿياربند ڳوٺاڻن کان هٿيارن جي زور تي مبينا 6 لک 31 هزار روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ ڦورن جو راڄ دادو اي سيڪشن ٿاڻي جي پلپان مين گيٽ وٽ 4 نامعلوم ون ٽو فائي موٽرسائيڪل سوار ڦورن ڏينهن ڏٺي ڳوٺ آدم پنهور جي رهواسي حافظ محمد دائود پنهور ۽ سندس دوست ساڄن چنا کان هٿيارن جي زور تي مبينا 6 لک 31 هزار روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا، متاثر ڳوٺاڻي حافظ محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ايس ايڇ او ٽنڊو آدم جي ڪارروائي، 2 منشيات فروش گرفتار

پوليس منشيات فروش غلام مرتضيٰ خاصخيلي ۽ آصف علي جويو کي گرفتار ڪري ورتو

قبضي مان 10/10 ليٽر ديسي شراب جا 2 ڪين ۽ پارسل ڪرڻ لاءِ ٿهلين هٿ ڪري ورتيون

ٽنڊو آدم (رپورٽر) ايس ايڇ او ٽنڊو آدم امتياز علي کهاڙو به منشيات فروش غلام مرتضيٰ خاصخيلي ۽ آصف علي جويو کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 10/10 ليٽر ديسي شراب جا 2 ڪين ۽ پارسل ڪرڻ لاءِ ٿهليون هٿ ڪري ورتيون. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽي جي بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي ۾ راندين جا مقابلا

راندين جي اسان جي زندگي ۾ انمول اهميت آهي، جسماني ۽ ذهني صحت لاءِ راند ضروري آهي: اڳواڻ

راندين ۾ باقاعدگي سان مشغول رهڻ انسان کي مختلف دائمي بيمارين کان بچائيندو آهي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي مڪلي ۾ سالياني راندين جا مقابلا ڪرايا ويا. جونيئر سطح جي شاگردن ۾ ڪرڪيٽ، ڊاج بال ۽ ايٿليٽڪس جا دلچسپ مقابلا ٿيا انعام ورهائڻ واري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽو: مقابلي ۾ ڪامياب ٿيندڙ شاگرد کي ٽرافي ڏني پئي وڃي

دادو ۾ مست ڪيهر شاهه جي رهواسين نوجوان جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

مسمات رحيمان آلڪائي، خميسو، محمد موسيٰ ۽ ڪندو آلڪائي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي دانهون ڪيون

اسان کي شڪ آهي ته اسان جي نوجوان پيربخش آلڪائي کي ساهرن گم ڪري ڇڏيو آهي: نوجوان جا وارث

نوٽيس وٺي سندس ساهرن مٿان اغوا جو ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪري نوجوان کي بازياب ڪرايو وڃي

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ مست ڪيهر شاهه جي رهواسين نوجوان جي بازيابي لاءِ دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت خدا آباد پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي، مظاهرين مسمات رحيمان آلڪائي، خميسو، محمد موسيٰ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو: نوجوان جي بازيابي لاءِ وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

جماعت اسلامي سکر جو امير ۽ پي ايس 24 جو اميدوار زبير حفيظ شيخ تڪ بندين جو ڪيس کڻي اليڪشن ڪميشن وٽ پهچي ويو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) جماعت اسلامي سکر جو امير ۽ پي ايس 24 جو اميدوار زبير حفيظ شيخ سکر جي تڪ بندين جو ڪيس کڻي اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پهچي ويو سکر جي شهري آبادي شهر وچ مان ڪٽي ٻهراڙي جي علائقن سان ملايو ويو آهي. هي شهرين جي ووٽ بئنڪ جو اغوا بڻائڻ ۽ بدترين ڌانڌلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدين جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ ثقافتي پروگرام منعقد

پروگرام ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين وڏي پئماني تي حصو ورتو، شاگردن ۽ شاگرديائين ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش ڪيا

پروگرام ۾ مهمان طور ڪائونسلر شير علي جوڻيجو، عبدالحميد ملاح، اظهر کٽي، محمد عثمان خاصخيلي ۽ ٻين جي شرڪت

پروگرام کي منعقد ڪرڻ ۾ اسڪولن جي استادن سان گڏوگڏ شاگردن ۽ شاگرديائين جي وڏي محنت شامل آهي: اڳواڻ

بدين (ڊ ر) بدين جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول اتفاق ڪالوني ۾ ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويو. تفصيل موجب: سنڌ ڌرتيءَ کي پيتا پيش ڪرڻ ۽ شاگردن ۾ ثقافتي جاڳ وڌائڻ جي سلسلي ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول اتفاق ڪالوني بدين ۾ ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويو. پروگرام ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين وڏي پئماني تي حصو ورتو. شاگردن ۽ شاگرديائين ٽيبلوز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دوداپور ۾ هائر سيڪنڊري اسڪول جي شاگردن ۾ ڊريسون ورهايون ويون

ڊريسن ورهائڻ جي تقريب ۾ اسڪول جي ايف اي محمد مشتاق جکراڻي سميت پوري اسٽاف جي شرڪت

اڄ ميٽرڪ، فرسٽ ييئر ۽ انٽر جي شاگردن ۾ ڊريسون ورهايون ويون آهن: اڳواڻ

دوداپور (رپورٽر) دوداپور پرسان گورنمينٽ بوائز هائر سيڪنڊري اسڪول محمدپور اوڍو جي شاگردن ۾ ڊريسون ورهايون ويون. اسڪولي شاگردن ۾ سردارزادا جاويد عالم اوڍو، سردارزادا رضوان خان اوڍو ۽ سردار علي احمد اوڍو جي تعاون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شڪارپور ۾ امن ايڪشن ڪاميٽي ۽ سنڌي ادبي سنگت پاران ريلي

دانشور همير احمد چانڊيو پاران سائين قومپرست اڳواڻن، اسد الله سومرو، عبدالسميع بلالي، سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻ ڊاڪٽر عامر عباس سومرو ۽ ٻين سان ريلي ڪڍي

ضلعي شڪارپور ۾ هڪ سئو کان مٿي مختلف برادرين جي وچ ۾ خوني جهيڙا هلندڙ آهن ۽ اهڙي قبائلي ويڙهاند ۾ ڪيترائي ڪونڌر ڪسجي ويا آهن: اڳواڻ

قبيلائي جهيڙن جي خاتمي جي لاءِ مقامي سياستدان، سردار ۽ ڀوتارن خاموش آهن، رياست پاران قبيلائي ويڙهاند جي خاتمي جي لاءِ ڪوئي به ڪردار ادا ڪرڻ ڪري رهي آهي

شڪارپور (رپورٽر) امن ايڪشن ڪاميٽي شڪارپور جي اڳواڻ ۽ سنڌي ادبي سنگت شڪارپور جي سرواڻ اديب ۽ دانشور همير احمد چانڊيو پاران سائين قومپرست اڳواڻن، اسد الله سومرو، عبدالسميع بلالي، سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻ ڊاڪٽر عامر عباس سومرو، زبير سومرو، اسلام الدين لهر، سنڌ ترقي پسند پارٽي شهزادو شر سردار عاشق علي ويسر علي مرادار هو جواڪبر علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

پنوعاقل جي ٽن يوسين جي هر مهيني ايندڙ بجيٽ هڙپ ٿيڻ لڳي

يوسين ۾ موجود ڳوٺن توڙي ٻين هنڌن تي هڪ روپئي جو به ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو

ڪيترن ئي جڳهن تي ڊرينيج سسٽم تباهه، گندي پاڻيءَ جي نيڪال واريون ناليون به پوريون ويون

بجيٽ ۾ ٿيندڙ گهوٻين جو نوٽيس وٺي چيئرمينن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: رهواسي

سلطانپور (رپورٽر) پنوعاقل جي ٽن يوسين جي هر مهيني ايندڙ بجيٽ هڙپ ٿيڻ لڳي. يوسين ۾ موجود ڳوٺن توڙي ٻين هنڌن تي هڪ روپئي جو به ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو. ڪيترن ئي جڳهن تي ڊرينيج سسٽم تباهه، گندي پاڻيءَ جي نيڪال واريون ناليون به پوريون ويون گندو پاڻي گهٽين ۾ بيٺل، علائقي واسي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا، انتظاميا اک نه پٽي، نگران حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سلطانپور: انتظاميه جي نااهلي سبب ٿيل گندگي جو ڍيڪ

جهمپير پرسان موٽر سائيڪل سوار کان نامعلوم چور ڦر ڪري ويا

ٺٽو (ڊ ر) جهمپير شهر پرسان جاکرا ڳوٺ وٽ اسلم درس جي موٽرسائيڪل حب علي درس کان سوزڪي ۾ سوار نامعلوم چور ڦر ڪري فرار ٿي ويا، پوليس کي اطلاع ڪرڻ بعد پوليس ڪا به ڪارروائي عمل ۾ نه آندي. ساڳئي رات دير سان اسلم درس کان ڦر ٿيل موٽر سائيڪل منور بارچ کي هٿ اچي ويئي، جنهن موٽر سائيڪل مالڪن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شڪارپور پوليس مقابلو، هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار

ٿاڻي لکيدر جي حد ۾ هاڪي اسٽيڊيم ويجهو پوليس جو ڌاڙيلن سان مقابلو ٿي پيو

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور پوليس مقابلو، هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار. ٿاڻي لکيدر جي حد ۾ هاڪي اسٽيڊيم ويجهو پوليس جو ڌاڙيلن سان مقابلو ٿي پيو، فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو، زخمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

خانپور ۾ زرعي پاڻ بليڪ تي وڪرو ڪرڻ ۽ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

تعلقي امير مولانا غلام قادر بروهي جي اڳواڻي ۾ عيد گاهه کان پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

زرعي پاڻ بليڪ تي وڪرو ڪري هارين کي ٻني هڻڻ سان لٽيو پيو وڃي ۽ سرڪاري اگهه کان وڌيڪ پئسا ورتا وڃن پيا: مظاهرين

صحافي جو ڦر ٿيل سامان جلد رڪور ڪرايو وڃي ۽ ٿاڻن تي فرض شناس ۽ ايماندار ايس ايڇ اوز مقرر ڪيا وڃن

خانپور (رپورٽ عتيق ابڙو) خانپور جي ڊيلرن پاران زرعي پاڻ بليڪ تي وڪرو ڪرڻ ۽ سرڪاري اگهه کان وڌيڪ وڪرو ڪرڻ ۽ بدامني خلاف تعلقي امير مولانا غلام قادر بروهي جي اڳواڻي ۾ عيد گاهه کان پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو مختيارڪار ۽ اي سي خانپور ڊيلرن خلاف ايڪشن نٿا کڻن ڊي سي کان قدم کڻڻ جو مطالبو تفصيل موجب جي يو آءِ تعلقي خانپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

خانپور: پاڻ جي بليڪ تي وڪري ۽ بدامني خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ منشيات جو وڪرو عروج تي هيروئني رات جي اونداهي ۾ شهر ۾ ڦرڻ لڳا، اختياريون خاموش

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ منشيات جو وڪرو عروج تي هيروئني رات جي اونداهي ۾ سکر جي مختلف چوڪن تي واپرائيندي نظر اچن ٿا قنديءَ محل هيروئني شهر مان غائب پوليس منشيات فروشن ۽ واپرائيندڙن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران خاموش بڻيل نئون نسل نشي جي عادي بڻجي وڃي، ڪيترائي نوجوان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

گهارو: ضلعي چيئرمين ٺٽو پ پ اڳواڻ عبدالحميد پنهور جي مان ۾ آجياڻو

ايندڙ عام چونڊن ۾ پ پ ٺٽي سميت سڄي سنڌ مان ڪلين سوئيپ ڪندي: عبدالحميد پنهور

سنڌ اندر اڳ به پ پ خلاف اتحاد ٺهندا رهيا آهن اها ڪا نئين ڳالهه ناهي، عوام کين رد ڪري ڇڏيندو

گهارو (بشام جوکيو) ضلعي چيئرمين ٺٽو پ پ اڳواڻ عبدالحميد پنهور کي گهاري شهر جي چانڊيا برادري پاران آجياڻو ڏنو ويو. ان موقعي تي خطاب ڪندي ضلعي ڪائونسل ٺٽو جي چيئرمين عبدالحميد پنهور چيو ته پ پ عوامي پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

گهارو: آجياڻي واري تقريب دوران اڳواڻ ويٺل آهن

ٺٽو: زمينن جي حقن جي رڪارڊ جي بحالي ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ ڊي سي آفيس ۾ کلي ڪچهري

کلي ڪچهري منعقد ڪرڻ جو بنيادي مقصد عوام جي شڪايتن جو ازالو ۽ جلد حل فراهم ڪرڻ آهي: ڊپٽي ڪمشنر اسد علي خان

جيڪي ڪاتيدار پنهنجي زمينن جا ڪاغذ نهرائي ناهن سگهيا اهي جلد اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس ۾ دعويٰ داخل ڪن

پيئڻ جي پاڻي، نيڪال، بجلي، صحت، تعليم، روڊن ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي عدم دستيابي بابت شڪايتون ۽ مسئلا پڻ پيش ڪيا ويا

ٺٽو (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر اسد علي خان پاران ديهه ڪوهستان 7/1، 7/2، 7/3، 7/4 ٽپو جهمپير ۽ ٽپو جنگشاهي جي زمينن جي حقن جي رڪارڊ جي بحالي ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ ڊي سي آفيس جي احاطي ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر عوام جا مسئلا ٻڌا ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

اسان جو مقصد عشق محمدي آهي: غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري

در در تي وڃي ماڻهن تائين درود پاڪ جو تحفو پهچايون ته جيئن وڌ کان وڌ درود پاڪ پڙهايو وڃي

اسان جو سواءِ درود پاڪ کان علاوه ڪو به مقصد ناهي درود پاڪ پڙهڻ سان انسان تبديل ٿي وڃي ٿو

درود جي برڪت سان هنن کي الله پاڪ غيبي طريقي سان روزي رزق مال جهان ۾ برڪت عطاءِ ڪرڻ فرمائي

گهوڙاباري (رپورٽر) سماجي صوفياڻي ۽ روحاني جماعت انجمن غلامان قلندر جي سرواڻ سيد حاجي غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري پاران ٺٽي ضلعي جي مختلف شهرن مڪلي غلام الله بروسر ڪالوني ڪينجهر علي بحر تي قلندري دوستن سان درود پاڪ جي حوالي سان اهم گڏجاڻيون ڪيون ويون جنهن ۾ ٺٽي ضلعي اندر درود پاڪ جي تبليغ بابت معلومات حاصل ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 19 ڊسمبر 2023ع

تاريخي، تهذيبي ماڳن ۽ قديم آثارن ڏانهن لاپرواهيءَ وارو رويو

تاريخي، تهذيبي ماڳ ۽ قديم آثار، پوءِ اهي ڪهڙي به ملڪ جا هجن، سڄي دنيا جا گڏيل اثاثا سمجهيا ويندا آهن. جو اهي انساني تهذيب ۽ تمدن جي عروج ۽ زوال جا شاهد هوندا آهن. دنيا جي ملڪن پنهنجن هزارين سال قديم ماڳن ۽ مڪانن، تاريخي ۽ تهذيبي ورثي کي اصلوڪي حالت ۾ نه صرف سنڀالي رکيو آهي پر ان تي تحقيق پڻ ڪئي آهي. ٻئي طرف اسان آهيون. جن پنهنجي تاريخي ۽ تهذيبي ماڳن مڪانن ۽ قديم آثارن کي تباهه ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽايو آهي. "ڪتابين" ته ڇهين صديءَ وارن باميان ماترين ۾ ٻڌ جي مجسمن کي تباهه ڪيو پر اسان جو رويو پلاڻهن "ڪتابين" کان ڪيئن مختلف آهي، جو اسان پنهنجي تهذيبي، تاريخي ماڳن ۽ قديم آثارن جي تباهيءَ ۾ ڪا به ڪسر باقي نه ڇڏي آهي. مُهين جو دڙو هجي، ڀنڀور يا ٻيا قديم آثار. انهن کي بچائڻ ته پري جي ڳالهه. ويتر انهن جي تباهي جا سبب پيدا ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهيا آهيون. ڪهڙو ماڳ مڪان آهي، ڪهڙا تهذيبي ۽ قديم آثار آهن، جن کي ميسارڻ واري شعوري ۽ غير شعوري ڪوشش ۾ اسان پنهنجو حصو نه ملايو آهي؟ ان قديم ورثي کي سڌيءَ ريت، نااهلي ذريعي يا مفادن خاطر تباهه ڪرڻ ته 'ڪبيرو' ڏوهه آهي ئي آهي. پر اسان، جيڪي ان تباهيءَ جو خاموشيءَ سان لقاءُ ڏسندا رهيا آهيون، اهي پڻ ايترائي مجرم آهيون.

قديم آثار ۽ تاريخي ماڳ اسان جي تهذيبي عروج ۽ زوال جا شاهد آهن. انهن جي سِر سِر ۾ تاريخ ساهه کڻي ٿي. اسان جي شاندار ماضيءَ جي شاهدي انهن ئي آثارن مان ملي ٿي. جن تي وڏيڪ تحقيق ڪرڻ ۽ انهن کي بچائڻ جي ضرورت آهي. باقي تاريخ ته اسان وٽ آهي ئي ڪانه ۽ تاريخ جي نالي ۾ جيڪو ڪجهه لکيو ويو آهي، اها رڳو درٻاري ليکڪن جي 'قلمي واردات' آهي. عوامي تاريخ نه آهي. اسان کي مُهين جو دڙو سرجان مارشل ڳولي ڏنو ۽ اسان ان کي سنڀالڻ بدران ويتر تباهه ڪري ڇڏيو آهي. اسان وٽ تحقيق جو اهو حال آهي جو ڪيترائي 'واڳون ـ وات' ادارا ته قائم آهن پر اڃان تائين مُهين جي دڙي جي ٻولي/ صورتخطي به پڙهجي نه سگهي آهي. انفرادي طور تي ڪجهه فردن جي ڪوشش ڪانسواءِ تحقيق جو ميدان حدِ نظر تائين سڃو ئي سڃو نظر اچي ٿو. نه اسان پاڻ تحقيق ڪرڻ جو ڪم ڪريون ٿا ۽ نه ئي ورِي ٻين کي اهڙو موقعو ڏيون ٿا. اسان جي هٿن تان اڃان تائين بنگالي محقق مجمدار جي رت جا ڇنڊا به نه لٿا آهن. سنڌ ۾ عالمي ڪانفرنسن جي نالي ۾ ڪٽ ته ٿين ٿا پر انهن ۾ ورچاءُ ڪانسواءِ ڪهڙي نئين ڳالهه سامهون آندي وئي آهي؟ اسان وٽ تحقيق جو معيار اهو آهي، جو ان جي اظهار لاءِ بنا ڪنهن هٻڪ جي "آچيندي لج مران" جا لفظ چئي سگهجن ٿا. اهڙن ادارن جي نااهل نفريءَ کي عوام جي ٽيڪسن جي ناڻي تي ڇتي بڻائي آخر ڇو پالجي؟ حالت اها آهي ته هتي جي ماڻهن کي جڏهن اختيارن جي هرکڙ هٿ اچي ٿي ته اهي مڪليءَ جي تاريخي قبرستان جي زمين تي قبضي ڪرڻ کان به نٿا مڙن! تحقيق جي نالي ۾ رونشي بازي ۽ چنڊا پٽ رڳوان ڳالهه تي آهي ته فلاڻو ماڳ برهمڻ آباد آهي يا منصوره؟ جيئن سنڌ ۾ نيائين جو جبري مذهب مڙايو ٿو وڃي. ڇا اها مشقِ ستم تحقيق جي نالي ۾ به تاريخي ماڳن مڪانن تي آزمائي ويندي؟ تحقيق ته هر تعصب کان آجي هجڻ گهرجي!

ارڙهين ترميم کان اڳ قديم آثارن جو ڪاتو مرڪزوٽ هو ۽ ترميم بعد صوبن حوالي ٿيو آهي پر مجموعي طور تي قديم آثارن، تاريخي ۽ تهذيبي ماڳن ڏانهن رويي ۾ ڪا به تبديلي نظر نٿي اچي. صوبن وٽ ان ڪاتي جي اچڻ ڪانپوءِ، خاص طور تي سنڌ ۾ رڳو نمائشي سرگرميون وڌيون آهن. مها ڏونگر ڪارونجهر هجي يا پٽائيءَ جي پيٽيل پونءِ گنجو ٽڪر، انهن کي بچائڻ ۽ تحقيق ڪرڻ بدران کپڻ ۽ کورڻ واري روش جاري آهي. ڀنڀور جي ايراضي جي 1640 ايڪڙن مان باقي 40 ايڪڙ بچيا آهن، انهن تي به هڙ ـ ڪاتو ماڻهن جون نگاهون آهن. 75 ايڪڙن تي پکڙيل سسئيءَ جي باغ کي ته لالچي نگاهن جي خزان کائي وئي، باقي ڇا رهيو آهي؟ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ جي قديم تاريخي ۽ تهذيبي ماڳن کي بچائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. قديم آثارن جي تحفظ لاءِ سنجيدگي اختيار ڪئي وڃي. حيدرآباد واري پڪي قلعي سميت سمورن تهذيبي ۽ تاريخي ماڳن ۽ قديم آثارن تان قبضا ختم ڪرايا وڃن. سياحن کي سهولت ڏئي سياحت کي هٿي وٺرائي وڃي.

جمهوريت، آمريت ۽ عوام

اعجاز منگي

سوشل ميڊيا تي مسلسل افواهن کان پوءِ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ملڪ ۾ اليڪشن جو اصلي ۽ آفيشل اعلان ڪري ڇڏيو آهي. پر افسوس ته اهڙي تاريخي اعلان تي ڪنهن به پارٽيءَ جي اڳواڻ اهو بيان جاري نه ڪيو ته، "شڪر آهي ته جمهوريت بچي وئي!"

جيتوڻيڪ پي ڊي ايم جي وڃڻ ۽ نگرانن جي اچڻ بعد انهن خدشن جو لاڳيتو اظهار ٿيندو رهيو هو ته، "چونڊون گهٽ ۾ گهٽ وقت تائين ملتوي به ٿي سگهن ٿيون". اهڙو خدشي وارو خيال صرف سياسي پارٽين جا سربراهه، سياسي مبصر ۽ ميڊيا جا سينيئر صحافي ئي نه پر ملڪ ۾ ماحول تي گهري نظر رکندڙ ۽ ڪل پوڳ ۾ سمورو سچ چئي ويندڙ انور مقصود به پيش ڪندو رهيو هلندڙ سال جي دوران هن هڪ کان وڌيڪ پيرا ورجايو هو ته، "اليڪشن جي لاءِ فيبروريءَ جي مهيني جو اعلان ته ڪيو ويو آهي پر هن مهل تائين ان سلسلي ۾ سال جو ذڪر نه ڪيو ويو آهي".

اردوءَ جو جڳ مشهور شعر آهي:

"لائي اس بت ڪو التجا ڪر ڪي
ڪفر ٽوٽا خدا خدا ڪر ڪي"

بلڪل ائين بيلٽ باڪسن جي ٻتن کي 8 فيبروريءَ تي جمهوريت جو جلوو پسائڻ لاءِ منظرعام تي آڻڻ جو جيڪو اعلان ڪيو ويو آهي، ان اعلان مطابق هاڻي ملڪي چونڊن ۾ دير ٿيڻ جو خدشو ختم ٿي چڪو آهي. هاڻي هر سرڪاري ۽ خانگي ادارو پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي تياريءَ ۾ مصروف ٿي ويو آهي پر پوءِ به ماحول ۾ عجيب قسم جي اداسي ته نه بي دليءَ کي رد ڪري نه ٿو سگهجي. جڏهن ته اليڪشن ڪميشن پاران ان ڏينهن لاءِ ٿيندڙ اهتمامن کي حتمي شڪل به ڏني وئي آهي ۽ سياسي پارٽين جي تشهير لاءِ پينافليڪس پرنٽ ڪندڙ ڪمپنين کان وٺي پارٽين جا پرچم ۽ اليڪشني نشانن جا بينر ٺاهيندڙ ڪاريگرن ۽ انهن جي آئوٽ ڊور ايڊورٽائيزمينٽ ڪندڙ ننڍين وڏين ڪمپنين سان معاهدا آخري مرحلن ۾ به آهن. تڏهن به ان ميلي ۾ اها رونق پيدا ٿيڻ جا امڪان هن مهل تائين ايئن اڀرندا نٿا محسوس ٿين جيئن مغل سلطنت جي آخري بادشاهه ۽ اردو ٻوليءَ جي البيلي شاعر بهادر شاهه ظفر جي غزل جا اهي ٻول:

"جيسي اب هي تيري محفل، ڪڀي ايسي تو نه ٿي"

ڇا ان بي دليءَ جو سبب ڪو اهڙو اڻ ڄاتو ۽ اڻ اظهاريو امڪان آهي، جنهن سان عام چونڊن جي شيڊول ۾ اڳتي پوئتي ٿيڻ جو خطرو هجي؟ بلڪل به نه. جيڪڏهن ان قسم جو ڪو قدر ڪجهو هجي ها ته هن مهل تائين ڪجهي به چڪو هجي ها. جڏهن ته آصف زرداري ۽ مولانا فضل الرحمان چونڊن جي تاريخ به چار ڏينهن هيڏي هوڏي ٿيڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي پاران ڪنهن به قسم جي ناخوشيءَ جو اظهار به نه ڪيو هو مولانا ته پنهنجي پهاڙي ديس ۾ سرديءَ جو عذر به پيش ڪيو هو ميان نواز شريف ۽ هن جي پارٽيءَ پاران ان سلسلي ۾ ڪجهه نه به چيو ويو هو پر پوءِ به انهن جي مات ۾ ڪجهه ڏينهن يا ڪجهه هفتا چونڊون ملتوي ٿيڻ جي صورت ۾ تڪليف بدران تياري بهتر ٿيڻ جي تاثر کي سمجهڻ واري صورتحال تمام آسان به هئي. ان جي باوجود به چونڊون پنهنجي مقرر وقت تي ٿيڻ جو آفيشل اعلان ٿي ويو ۽ ان سلسلي ۾ 8 فيبروري هڪ ڏينهن جي وڪ وڌائي 9 تاريخ ۾ به داخل ٿي نه سگهيو چونڊون پنهنجي عين وقت تي ٿيڻ جو سبب ڇا آهي؟ ملڪ جي وڏين سياسي پارٽين جي صورتحال ته پاڻ اڳ ۾ پيش ڪري چڪا آهيون. جيڪڏهن ملڪ جي عدليا اهو اعزاز پنهنجي دفتر ۾ داخل ڪرڻ چاهي ٿي ته ان کي روڪڻ جي ڪوجرئت ته ڇا پر ضرورت به محسوس نه ڪندو. جڏهن ته ان معاملي کي هن ملڪ جو هر سمجهو سمجهي ٿو ته ملڪ ۾ عام چونڊن 8 فيبروريءَ تي ٿيڻ جو اعلان ان مهل ٿيو آهي، جڏهن ملڪ جو آرمي چيف پنهنجي ڀرپور ۽ اهم ترين آمريڪي دوري تي آمريڪي سرڪار جي اهم شخصيتن سان ملاقاتن ۾ مصروف هو پاڪستان ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جيڪي اسٽريٽيجڪل ۽ بين الاقوامي سطح تي سهڪار وغيره وارا تعلقات رهيا آهن. انهن جي پس منظر ۾ ملڪ جي سياسي توڙي عسڪري قيادت جو آمريڪي دورو نه صرف ملڪ اندر پر پوري خطي ۾ خاص اهميت سان ڏٺو ويندو آهي. پاڪستان جو هر پرائيم منسٽر توڙي صدر يا آرمي چيف اهو چاهيندو آهي ته هن جي دوري دوران آمريڪا مان ملڪ جي لاءِ خوشخبرين وارا اهم اعلان ٿين. ان سلسلي ۾ پاڪستان جي تاريخ عجيب واقعن سان ڀريل رهي آهي.

اسان ان تاريخي حقيقت کي ڪنهن به طرح سان فراموش ڪري نه ٿا سگهون ته پنهنجي مخصوص پاليسين توڙي عالمي ۽ علائقائي حالتن جي حوالي سان اهم دور سبب دبنگ قسم جي حڪومت هلائڻ وارو اڳوڻو آرمي چيف ۽ سابق صدر مرحوم پرويز مشرف جڏهن به آمريڪي ياترا تي ويندو هو ته وڌيڪ واڌايون وٺڻ لاءِ هن پويان آمريڪا کي گهربل نالي وارا نوان دهشتگرد ۽ اڳوڻا جهادي يا ته وڏي تعداد ۾ جهليا ويندا هئا يا مقابلي دوران ماريا ويندا آهن. بنهي صورتن ۾ آمريڪي اخبارون پرويز مشرف جي دوري دوران اهم خبرون شايع ڪرڻ جي حوالي سان مجبور هونديون هيون. ان صورت ۾ جنرل مشرف کي "وِيلڊن" وارا لفظ ٻڌڻ جي مسرت وارا موقعا ۾ ملندا هئا ۽ ان صورتحال سبب پارٽ جي اندر ۾ پاڪستان مخالف پيڙ به پڙڪندا هئا. رقابت جي اها باهه ڪڏهن ڪڏهن ايتري نه شدت اختيار ڪري ويندي هئي، جو صرف آمريڪا کي خار ڏيڻ لاءِ واجپائيءَ جهڙو ملوڪ مزاج رکندڙ ڀارت جو پردان منتري چين جهڙي دشمن ملڪ جي ياترا بنا دعوت جي به ڪندو هو ۽ ديوار چين کي ٻلي ڏئي پنهنجي تصوير ڪڍائي ۽ ان کي عالمي ميڊيا جي زينت بڻائي آمريڪا کي ڪليل پر خاموش ڌمڪي ڏيندڙ عمل به ننڍي کنڊ جي سياست جو حصو رهيا آهن.

ڇا آرمي چيف جي آمريڪي دوري ۽ پاڪستان ۾ اليڪشن ڪميشن پاران وقت تي چونڊون ٿيڻ واري معاملي ۾ ڪو ربط ۽ رشتو آهي يا اهو فقط هڪ اتفاق آهي؟ ممڪن آهي ته ان ۾ ڪا اڻ اعلانيل مامر به هجي ۽ اهو به ممڪن آهي ته هر ڳالهه ۾ آمريڪي سازش تلاش ڪرڻ واري روايت جو تسلسل وارو اجايو الزام به هجي ۽ اهو صرف هڪ اتفاق ٿي هجي پر بنهي صورتن ۾ پاڪستان جو هڪ پيرو چونڊن طرف وڃڻ وارو عمل عالمي توڙي ملڪ جي عوامي مفاد ۾ قرار ڏنو پيو وڃي.

ڪنهن مغربي دانشور جو مشهور قول آهي ته، "محبت هر مرض جو علاج آهي. جيڪڏهن مريض جي صحت ۾ افاقو نه ٿئي ته دوا جو مقدار وڌائڻ جي ضرورت آهي". انهن لفظن کي ذهن ۾ رکي اول جي هڪ سياسي دانشور لکيو هو ته، "بدترين جمهوريت بهترين آمريت کان بهتر آهي". اهو قول هن مهل تائين پاڪستان ۾ جمهوريت جي صورتحال واري پسمنظر ۾ تمام گهڻا پيرا استعمال ڪيو ويو آهي. پر سوال اهو آهي ته ملڪ جي سياسي مرض ۾ هن مهل تائين گهربل گهٽتائي اچي چو نه سگهي آهي؟ ڇا ان جو سبب اهو آهي ته سرد جنگ کان وٺي سياسي مرض ۾ مبتلا ملڪ جي جمهوري دوا واري مقدار ۾ اضافو آڻڻ بدران گهٽتائي آندي وئي آهي؟

سنڌ جي ترقي پسند ۽ قومپرست سياست ۾ ادبي محاذ جو تحفظ به پنهنجي ذميواري سمجهندڙ ۽ شيخ اياز جي دفاع ۾ "اندا اوندا ويچ" جهڙو ڪتاب لکندڙ رسول بخش پليجي کان ان سلسلي ۾ جڏهن به پڇا ڪئي ويندي هئي ته، "ملڪ ۾ جمهوريت جو قلعو ڪو ڪلجڻ ۽ ڦهلجڻ ممڪن ٿي چو نه سگهيو آهي؟" اهڙي سوال جو جواب هو ان سوال سان ڏيندو هو ته، "ڇا هن ملڪ ۾ جمهوريت آهي؟ ڇا هن ملڪ ۾ جمهوريت رهي آهي؟" هر دور واري جمهوريت کي "جعلي جمهوريت" قرار ڏيندڙ رسول بخش پليجو وڏو وڪيل به هو ۽ هن وٽ پنهنجي پاران لڳايل الزام جي حق ۾ دليلن جا انبار به هئا. هو نه صرف خوبصورت لفظن سان پر تاريخ جي ڪتابي حوالن سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته پاڪستان ۾ ڀرين ڏينهن کان وٺي جمهوريت کي لاڳو ٿيڻ نه ڏنو ويو آهي. هو چوندو هو ته، "هن سرزمين ۾ جمهوريت جو ٻج پوکڻ جي اجازت مليل ئي ناهي". ڇا رسول بخش پليجي جي اها سوچ صحيح ۽ سچي هئي؟ ڇا واقعي پاڪستان ۾ جمهوريت جي نالي ۾ جيڪو نظام لاڳو ڪيو ويو آهي، ان جو جمهوريت سان ڪو تال ميل ئي ناهي؟ ڇا اسان جي ملڪ ۾ جمهوريت، بقول زيڊ اي پٽو "نالي ماتر" رهي آهي؟

انگريز چوندا آهن ته، "اميد هڪ بهترين ناشتو ۽ بدترين عشائيو آهي". اهڙي طرح اليڪشن جمهوريت جي ابتدا ته آهي پر ان کي مڪمل جمهوريت قرار ڏيڻ ڪنهن به طرح سان نه درست آهي ۽ نه هجڻ گهرجي. جمهوريت لاءِ اليڪشن جو بنياد ضروري آهي پر جڏهن ملڪ ۾ اليڪشن جي آڙ ۾ سليڪشن جون سازشون ڪيون وڃن ته پوءِ جمهوريت جو مستقبل اهڙوئي هوندو جهڙو هن ملڪ ۾ هن جو حال آهي. اهوئي سبب آهي ته هن مهل تائين ملڪ جي ڪنهن به سياسي پارٽيءَ اهڙو سربراهه پيدا نه ڪيو آهي، جنهن ڪڏهن نه ڪڏهن اهو نه چيو آهي ته اسان کي هٽ وٺي هارايو ويو آهي. ميان نواز شريف کان وٺي عمران خان نيازيءَ تائين ۽ مولانا فضل الرحمان کان وٺي ايم ڪيو ايم جي اڳوڻن توڙي هاڻوڪن اڳواڻن تائين اهو الزام هر ان سياسي اڳواڻ جي چپن تي ايندو رهيو آهي، جنهن جنهن کي اليڪشن ۾ اميد کان گهٽ ووٽ مليا آهن. شهيد بينظير ڀٽو به هڪ ڀيرو نه پر اڪيچار دفعا اها دعوا ڪئي هئي ته هن جي مئنڊيٽ کي چوري ڪئي وئي ته ڇا پر ڌاڙو هڻي ڪنپيو ۽ ڪنيو ويو آهي. جڏهن ته جمهوريت جي تقاضا صرف صاف شفاف چونڊن تائين محدود ناهي. جمهوريت جي لاءِ اڻ ڏريون چونڊون ٿيڻ لازمي آهن پر اهو پهريون قدم آهي. جمهوريت جو سفر تمام گهڻو اڳتي آهي. جڏهن پهريون قدم ئي غلط هوندو ته پوءِ باقي سفر جو ڪهڙو حال ٿيندو؟

جمهوريت جو سادو مطلب هڪ مضبوط، مستحڪم ۽ آزاد عوامي حڪومت کان سواءِ ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو؟ ڇا اهڙي حڪومت ان اليڪشن جي نتيجي ۾ جنم وٺي سگهي ٿي، جنهن کي مات کائيندڙ مخالف "اليڪشن عرف سليڪشن" قرار ڏيندو هجي! پاڪستان هن مهل تائين جمهوريت جي نالي ۾ جمهوريت کان محروم رهندڙ ملڪ رهيو آهي. هن ملڪ ۾ تمام گهڻا تجربا ڪيا ويا آهن. هاڻي هڪ تجربو حقيقي جمهوريت جو به ٿيڻ گهرجي.

*****

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي:
'فَاذڪُرُونِي اَذڪُر ڪُم'، اِيَ پَرُوڙِج بات:
هَتِ ڪاتي ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرِين جي.

ڪردار، ليکڪ جي سوچ ۽ نظرئي سان ٽڪراءُ

رام اوڏ

نور جوڻيجو جو ناول خالي پٽي جو ڪاچ سرمائيدارائي نظام جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. جتي ڪردار جدوجهد ڪن ٿا ۽ ويڳاڻپ ۾ به ورتل آهن. ناول ۾ سرمائيدارائي نظام سان گڏ پوسٽ ماڊرنزم ۽ وجوديت جو به نظرياتي بنڌڻ آهي. ناول جو عنوان خالي پٽي جو ڪاچ وجودي بحران جي عڪاسي ڪري ٿو وجودي ادب ۾ سماجي رشتا ڪوڪلا ٿي پوندا آهن. زندگي ڏنڊلائجي ويندي آهي. ماڻهو خالي پٽي جو ڪاچ ٿي ويندو آهي.

اها ڪهاڻي يونيورسٽي ڪئمپس ۾ عام ڪچهرين کان ٿيندي ڊپارٽمينٽل اسٽور، فليٽ، ڪچي آبادي، سمنڊ ڪناري، ڪارونجهر جي پهاڙن کان قبرستان تي ختم ٿئي ٿي. ناول ۾ شاگرد سياست، گهريلو زندگي، شهر ڪاري، محبت، وغيره جهڙا موضوع بحث هيٺ اچن ٿا. ناول ۾ مختلف ڪردار: سڌير ناڙي، نواب، عظمي، ڪاڪوپٽ، ويدا، چين سنگ وغيره نظر اچن ٿا. ناول جا ڪردار هن ئي سماج جو اولڙو آهن. هڪڙا ماڻهو هوندا آهن هيٺا ۽ ٻيا هوندا آهن پاڻ وهيٺا. هي ناول اهڙن ئي ڪردارن جو امتزاج آهي. پاڻ وهيٺاپ، ويڳاڻپ جو رد آهي. ماڻهو پنهنجي پاڻ کان ويڳاڻو هوندو آهي، پنهنجي محنت کان ويڳاڻو هوندو آهي ۽ پنهنجي تخليق کان به ويڳاڻو هوندو آهي. عظمي جي خودڪشي ڪردار ويڳاڻپ جو ئي انت آهي. عظمي ناٽي هڪ چوڪرو، سماج جي رائج مرد جي وصف تي پورو نٿو لهي. هو مردانگي واري سماج ۾ Anomaly آهي. هو رائج وصف ۽ قدرن کي ٽوڙي ٿو آخر ۾ سماجي روين کان تنگ اچي خودڪشي ڪري ٿو ڇڏي.

ويدا به مردانڻي سماج ڪجهه مختلف سوچي ۽ عمل ڪري ٿي:

"منهنجو پبلڪ پليٽ فارم تي ماڻهن جي هجوم منجهه سگريٽ پيئڻ، منفرد قسم جو لباس پهرڻ، هٿ ۾ مالائون، ڪنگڻ، سڳا ٻڌڻ، بئنچ تي پلٿي هڻي ويهڻ، سرعام جهومڻ، گار، وڏا ٽهڪ، شوخ زبان پيش ڪرڻ، راهه ويندي ٽڪ اچلائڻ، ڪنهن حسين ڇهري کي ٽڪڻ، اڪثر مردن جي ذهني نمائندگي ڪندو آهي."

هن ناول جو هڪ خاص ڪردار سڌير آهي، جيڪو هڪ نام نهاد ترقي پسند سياسي ڪارڪن نواب جي بي حسي جو شڪار ٿئي ٿو. سڌير هڪ پورهيت نوجوان آهي، جيڪو شاپنگ مال ۾ ڪم ڪري ٿو جتان هڪ وڏيري ڇوڪري، ان کي اغوا ڪرائي ٿي. اڳتي هلي اهو انڪشاف ٿئي ٿو ته سڌير کي نواب اغوا ڪرايو هو. ڪاڪو پٽ ان ڳالهه جي تصديق ڪري ٿو. ناول ۾ ڪردار حقيقي به لڳن ٿا ته مصنوعي به. ظاهري ڪردار ۽ باطني ڪردار ۾ فرق محسوس ٿئي ٿو جيئن نواب بظاهر ليفٽسٽ ڪامريڊ آهي. پر هڪ ٻي آدرشي ماڻهو سڌير (۽ ويدا به) جي زندگي به تباهه ڪري ٿو (هڪ نقط نگاهه کان ڳالهه ڪجي ته اها رڳو اسي جي ڏهاڪي جي ڳالهه ناهي ته شاگرد سياست جا ڪي ڪردار منفي هئا. اڄ به ڪي نواب جهڙا ڪردار آهن. جيڪي مها انقلابيت جو ماسڪ پائي هلن ٿا ۽ اندر ۾ مها رجعتي، رد انقلابي ۽ پدر شاهي جا قدر رکندڙ هوندا آهن. اهي پنهنجي انفرادي زندگي جي منزل، ٻي جي قيمت تي ڳوليندا آهن. سرمائيدارائي معاشي ماڊل جي بدولت هڪڙن ماڻهن جي آزادي ۽ عياشي ٻين ماڻهن جي غلامي ۽ بک تي آڌاريل آهي.)

ماڻهو هڪ پاسي پدرشاهي خلاف هوندو آهي، ته ساڳئي وقت پنهنجي گهر ۾ به اهڙا پدرشاهي وارا قدر سانڍيندو آهي:

"محبت خود مالڪيت جو تصور آهي ۽ پدر شاهي سماج ۾ مرد جي محبت حاڪميت جو جز آهي. مرد فراخ دل هوندي به ڪٿي نه ڪٿي هلڪڙائپ جو دامن جهلي ويهندو آهي. سندس هنياءُ ۾ واڙيل خدشا، لفظ اوڙهي ٻاهر نڪري ايندا آهن".

ناول جي ڪردارن جي ڪا به خاص زندگي جي منزل نٿي لڳي. ڪردار وقت ۽ حالتن هٿان جهٽجي، پٽڪي وڃن ٿا. ناول نگار ڪردارن کي تضادن ۾ ڏٺو آهي، جيئن ڪردار هڪ سماج ۾ هوندا آهن. اهي ڪردار جڙيل به آهن ته هڪ ٻي کان ڪٽيل به آهن.

سرمائيداري ويڳاڻپ جو سبب آهي. سرمائيداري، ماڻهو کي پنهنجي ڪلچر کان ڪٽي ڇڏيندي آهي، بلڪ ماڻهو پنهنجي ڪلچر کان ويڳاڻو ٿيندو ويندو آهي. هن نظام ۾ انسان شيون ٺاهيندڙ مشين ٿي پيو آهي. سرمائيدارائي دور جي ماڻهو وٽ دماغ نه، پر ڪلڪيوليٽر هوندو آهي. سرمائيدارائي نظام ۾ شاپنگ مال "ڳوان" جي حيثيت رکندا آهن. سرمائيدار جيترو خرچ فيشن ۽ ميڪ اپ تي ڪندا آهن، اوترو خرچ پورهيت اٽي تي به ناهي ڪندو. هڪڙا ماڻهو ٻين جي رت ۽ ست تي پلجندا آهن.

"مال جي ٻاهران پنندڙ ماءُ جي جهولي ۾ ٻاروت فيڊر ۾ کير ناهي. ۽ هو هوا چوسي هنياءُ جهلي رهيو آهي. مال کان ٻاهر زندگي فٽ پاٿ تي ريڙهيون پائيندڙ مزدور جي درد جي لوڏ آهي ۽ هتي اهڙو ڪو به احساس ناهي. هر شيءِ ماڻهپي کي ڳهڻ لاءِ آتي آهي".

ناول ۾ چين سنگ جو ڪردار ڪارونجهر جي ڪوهسارن ۾ مقيم انڊيجينيئس ڪردار آهي. سڌير ۽ ويدا، چين سنگهه وٽ رهن ٿا. شهري زندگي کان ٽرپاڪر ڏانهن ڪردارن جو سفر هڪ فراريت به آهي، مصنوعي شهري زندگي کان سڪون جي تلاش به آهي. فطرت جي هنج ۾ هي ڪردار زندگي جي پاڪرن ۾ اچن ٿا ۽ جواني ۾ جيا ٻو اوتجي ٿو اتان جيئن شهر ڏانهن موٽ کائين ٿا ته زندگي جا پاڇا ڏنڊلائجي وڃن ٿا. سرمائيداري نظام ڳوٺن کي تباهه ڪري شهر اڏيا آهن. زندگي اتي به ويتر ويڳاڻي ۽ پٽڪيل آهي. لاتعلقي ۽ مايوسي آهي. بيزار حالت ۽ نراسائي آهي. ويڳاڻو ماڻهو نه صرف تارڪ الدنيا ٿي ويندو آهي، پر پنهنجو پاڻ کان به ڪٽجي ويندو آهي. هن ناول ۾ انقلابي آدرشي سڌير آهي، جنهن جي زندگي آخر ۾ قبرستان جي مجاور جهڙي ٿي پوي ٿي. آخر ۾ اسان ڏسون ٿا ته سڌير لاءِ دنيا جي ڪا اهميت ناهي. ويڳاڻپ جي مرض ۾ مبتلا ماڻهو پنهنجي پاڻ کي سماج کان ڌار محسوس ڪندو آهي.

ناول جو گهڻو حصو هڪ تبليغ آهي. ڊائلاگ جي صورت ۾ سرمائيداري تي تنقيد آهي. ڪردار ۽ سماج هڪ ٻي سان جُڙت ۾ هئڻ گهرجن. جيڪڏهن سمجهه جي ڪوٽ آهي ته ڪردار اڻپورا ۽ اڌورا تخليق ٿين ٿا. ليکڪ کي اتساهه ڏيندڙ ڪردار تخليق ڪرڻ گهرجي ها. فڪشن ۾ ڪردار ليکڪ جا ماڻوٿ پيس ٿين، اهو ضروري ناهي. پنهنجي ڪردارن کي پنهنجي نظرياتي پروپگينڊا لاءِ استعمال ڪجي، يا ڪردار، ليکڪ جا نظرياتي حامي هجن، اهو لازم نه آهي. سرمائيداري جي زندگي تي اثر تي ڪوڙ سارا ناول لکيا ويا آهن. ناول جي تاريخ اهڙن ناولن سان ڀري پئي آهي، جن جو شعور يا نظريو هڪ آهي. جڏهن ته اهي پرچار ٻيو ڪجهه ڪن ٿا. ڪردار ليکڪ جي سوچ يا نظريي سان ٽڪراءُ ۾ به هوندا آهن.

بقايا 01

ختم ٿي رهي آهي، سي پيڪ پاڪستان اچي رهيو آهي، چيو پيو وڃي ته پاڪستان جي 20 ۾ شامل ٿيندو، اڳوڻي وزيراعظم جو چوڻ آهي ته اسان آءِ ايم ايف کي خدا حافظ چيو، اسان پرڏيهي قرض واپس ڪري رهيا هئاسين، اسان پنهنجي دور ۾ قرض واپس نه ڪيا هئا. اسان پاڪستان ۾ اهي ڪم ڪري سگهون ٿا جيڪي ٻيون قومون نه ٿيون ڪري سگهن. ڪو پڇڻ گهرجي ها ته صبح جو وزير اعظم شام جو هاجيڪر ڪيئن ٿيو؟ مسلم ليگ ن جي اڳواڻ وڌيڪ چيو ته جيڪا حڪومت آر ٽي ايس ذريعي آئي، اها موٽر وي به نه ٺاهي سگهي، اسان جي حڪومت نه ٽوڙي ها ته ٺاهي وڃي ها، ڪراچي مان دهشتگردي ڪنهن ختم ڪئي؟ سنڌ ۾ اسان ڪوئلو ڪڍيو ان مان بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي، ڪراچي ۾ اسان 2200 ميگاواٽ جو پاور پلانٽ لڳايو هن اهو به چيو ته مان چترال جي عوام کان پڇندس ته جيڪڏهن اهي مون کان سرنگ ٺهرائي وري ووٽ ٻئي ڪنهن کي ڪيئن ڏيندا. ڪراچي کان حيدرآباد تائين موٽر وي ٺاهي وئي، اسان غريبن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

بقايا 02

ٻڌڻي ڪئي. جنهن دوران بشرا بي بي جو وڪيل عثمان گل عدالت ۾ پيش ٿيو عثمان گل عدالت کي ٻڌايو ته بشرا بي بي لاهور ۾ آهي ۽ هوءَ عدالت ۾ پيش نٿي ٿي سگهي. جنهن تي عدالت چيو ته بي ٽي آءِ جو اڳوڻو چيئرمين جيل ۾ آهي. بشرا بي بي جيل ۾ ناهي. بشرا بي بي جي وڪيل عثمان گل چيو ته بشرا بي بي ايندڙ ٻڌڻي تي پيش ٿيندي. ضمانتي مچلڪا تيار آهن پر دستخط نه ٿي سگهيا. 2 ڪان 3 وڳي تائين جو وقت رکو. ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته بشرا بي بي کي پيش ڪيو وڃي. عدالت چيو ته بشرا بي بي واقعي بيمار آهي ته طبي درخواست داخل ڪري. بي ٽي آءِ جي اڳوڻي چيئرمين بابت جيل مان رپورٽ آئي ته ڏسنداسين. ان تي عثمان گل چيو ته توهان کي به خبر آهي جيڪا رپورٽ اچڻي آهي. اسان کي به خبر آهي، جنهن تي جج عثمان گل کي مخاطب ٿيندي چيو ته مون کي خبر ناهي. ٻڌايو ته ڪهڙي رپورٽ اچڻي آهي. ڪوشش ڪريو ته صرف ڪورٽ ۾ هن ڪيس بابت ڳالهايو. وڪيل عثمان گل عدالت کي استدعا ڪئي ته موڪلن کانپوءِ ٻڌڻي ملتوي ڪرڻ لاءِ لاهور مان اچڻو پوندو. جنهن تي عدالت چيو ته ڪجهه وقت لاءِ اسلام آباد ۾ گهر ڪرائي تي وٺي ڏيو. موڪلن کان اڳ ٻڌڻي ٿيندي. جنهن بعد جيل اختيارين عمران خان کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ کان معذرت ڪندي جواب عدالت ۾ جمع ڪرايو جيل سپرنٽينڊنٽ پنهنجي جواب ۾ چيو ته سيڪيورٽي خدشن سبب بي ٽي آءِ کي عدالت ۾ پيش نٿو ڪري سگهجي. سپرنٽينڊنٽ جيل طرفان بي ٽي آءِ باني جي پيشي لاءِ پوليس اختيارين کي خط پڻ لکيو ويو آهي. عدالت غير قانوني نڪاح ڪيس ۾ عمران خان ۽ سندس گهرواري بشرا بي بي جي خلاف جيل ٽرائل جو حڪم ڏئي ڇڏيو. عدالت طرفان جاري ڪيل حڪم ۾ چيو ويو آهي ته اهو فيصلو پي ٽي آءِ باني جي عدالت ۾ پيشي بابت اڊيالا جيل جي سپرنٽينڊنٽ جي جواب ڪانپوءِ ڪيو ويو غير قانوني نڪاح ڪيس جي ايندڙ ٻڌڻي اڊيالا جيل ۾ ٿيندي ۽ ڪيس جي اوپن ٽرائل جيل ۾ ئي جنهن ۾ گهرڀاتين ۽ شهري شرڪت ڪري سگهن ٿا. جڏهن ته ميڊيا جا نمائندا ۽ شهري ٻڌڻي لاءِ جيل ضابطن تحت سپرنٽينڊنٽ سان رابطو ڪندا. عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 22 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 03

چاهي ٿيا آصف زرداري چيو ته دنيا اسان کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار ته آهي. اسان 40 سالن تائين افغانين جي مهمان نوازي ڪئي پر افغان اڄ به اسان کي پنهنجو سمجهڻ لاءِ تيار نه آهن. چيو ته اسان بلوچستان کي اهڙي جاءِ تان پاڻي ڏينداسين جو ڀارت سميت ڪير به نه روڪي سگهندو. چين اسان جو پارٽنر هوندو. اڳوڻي نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز بگٽي ڪنوينشن کي خطاب دوران پيپلزپارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو سرفراز بگٽي چيو ته اڄ منهنجي لاءِ وڏو اعزاز آهي ته پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿي رهيو آهيان. ٻئي پاسي اڳوڻي نگران گهرو وزير سرفراز بگٽي پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. تفصيل موجب سرفراز بگٽي چيو آهي ته منهنجي لاءِ اها اعزاز جي ڳالهه آهي ته مان پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪري رهيو آهيان. نفرت ۽ قوم پرستي جي سياست اسان کي ڪجهه نه ڏنو آهي. يقين آهي ته آصف زرداري جي قيادت ۾ هن خطي ۾ امن جو سج ضرور اڀرندو. سرفراز بگٽي چيو ته جهڙي طرح سنڌ ۾ روڊن جو جار وڇايو ويو اهڙي طرح اميد آهي ته هتي به ضلعن کي پاڻ ۾ جوڙيو ويندو. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ سرفراز بگٽي نگران گهرو وزير جي عهدي تان استعيفيٰ ڏني هئي جيڪا منظور به ڪئي وئي آهي.

بقايا 04

لک 85 هزار 760 آهي جنهن ۾ مرد ووٽرز جو انگ 6 ڪروڙ 92 لک 63 هزار 704 ۽ عورت ووٽرز جو انگ 5 ڪروڙ 93 لک 22 هزار 56 آهي. جاري ڪيل انگن اکرن موجب ملڪ ۾ مرد ووٽرز جي شرح 53.87 سيڪڙو جڏهن ته عورت ووٽرز جي شرح 46.13 سيڪڙو آهي. وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ ووٽرز جو انگ 10 لک 83 هزار 29 آهي جنهن ۾ 5 لک 68 هزار 406 مرد ووٽرز ۽ 5 لک 14 هزار 623 عورتون ووٽرز آهن. اليڪشن ڪميشن جي انگن اکرن موجب بلوچستان ۾ ووٽرز جو انگ 53 لک 71 هزار 947 آهي، جنهن ۾ مرد ووٽرز جو انگ 30 لک 16 هزار 164 ۽ عورت ووٽرز جو انگ 23 لک 55 هزار 783 آهي. خيبرپختونخواهه ۾ ووٽرز جو ڪل انگ 2 ڪروڙ 19 لک 28 هزار 119 آهي جنهن مان هڪ ڪروڙ 19 لک 44 هزار 397 مرد ووٽرز آهن جڏهن ته خيبرپختونخواهه ۾ عورت ووٽرز جو انگ 99 لک 83 هزار 722 آهي. جاري ڪيل انگن اکرن موجب پنجاب ۾ ووٽرز جو انگ 7 ڪروڙ 32 لک 7 هزار 896 آهي جنهن ۾ مرد ووٽرز 3 ڪروڙ 91 لک 22 هزار 82 ۽ عورت ووٽرز 3 ڪروڙ 40 لک 85 هزار 814 آهي. اليڪشن ڪميشن جي انگن اکرن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ ۾ ووٽرز جو انگ 2 ڪروڙ 69 لک 94 هزار 769 آهي جنهن مان مرد ووٽرز هڪ ڪروڙ 46 لک 12 هزار 655 ۽ عورت ووٽرز جو انگ هڪ ڪروڙ 23 لک 82 هزار 114 آهي.

بقايا 05

قائد نواز شريف جي ٽرڪول بابت بيان تي ردعمل ۾ مراد علي شاهه چيو ته نواز شريف جيڪي ڳالهيون ڪيون اهي ٻڌيون آهن. سنڌ مان ن ليگ جي ٽڪيٽ لاءِ درخواستون ئي ناهن ڏنيون ويون. هن چيو ته حيدرآباد موٽر وي جو افتتاح نواز شريف ضرور ڪيو هو پر ٿر ۾ ڪوئلي جي دريافت 32 سال اڳ ٿي. 2008 ۾ پ پ حڪومت آئي ۽ ٿرڪول لاءِ ڪم شروع ڪيو. سندس چوڻ هو ته ٿرڪول لاءِ اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ڪم ڪيو. نواز شريف پنهنجي تقرير ۾ ڪراچي ۾ امن امان جي ڳالهه ڪئي، بنيادي طور تي امن امان جو معاملو صوبائي آهي. رينجرز اسان جو ساٿ ڏنو. سنڌ حڪومت رينجرز کي امن امان ۾ سهڪار تي ادائيگي به ڪندي آهي.

بقايا 06

چيو آهي ته گذريل ڏينهن سوشل ميڊيا سائنس متاثر ٿيڻ جي شڪايت تي جاچ ڪئي پئي وڃي، پي ٽي اي طرفان گذريل ڏينهن سوشل ميڊيا سروس متاثر ٿيڻ جي شڪايت تي بيان جاري ڪيو ويو آهي. بيان ۾ چيو ويو آهي ته ملڪ جي ڪجهه علائقن ۾ انٽرنيٽ جي سست رفتاري جي شڪايت جي جاچ ڪئي پئي وڃي. پي ٽي اي موجب سڄي ملڪ ۾ انٽرنيٽ تائين پهچ جي گذريل صورتحال هاڻ نارمل آهي. پاڪستان ۾ اڄ ٿي فيس بڪ، يوٽيوب، انسٽاگرام ۽ ايڪس جي سروس ڪيترائي ڪلاڪ متاثر هيون جيڪي هاڻ بهتر ٿي ويون آهن. ياد رهي ته گذريل رات سموري پاڪستان ۾ يوٽيوب ۽ ٽوئيٽر (ايڪس) جي سروس ڊائون ٿيڻ جون شڪايتون سامهون آيون هيون. عوام ۽ ٻين ڪاروباري ادارن کي پنهنجا روزاني جا معاملا اڪلائڻ لاءِ سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو.

بقايا 07

لکيو ته پاڪستان ۽ گذريل ڏهاڪن دوران تقريبن آئرلينڊ جي آبادي جي برابر پناهگير اچي چڪا آهن. اسان وڏي دل جو مظاهرو ڪندي انهن کي سنڀاليو. مهمان نوازي پاڪستان جي ڊي اين اي ۾ شامل آهي. هن چيو ته ايڏي وڏي انگ ۾ غير قانوني ماڻهن کي رهڻ جي اجازت ڏئي اسان پنهنجي قومي سلامتي تي وڌيڪ سوديبازي نٿا ڪري سگهون. اسان جو مقصد پاڪستان کي محفوظ، پرامن ۽ خوشحال بڻائڻ آهي. برطانيا، فرانس، جرمني ۽ اٽلي سميت مختلف ملڪن ۾ به پناهگيرن جي حوالي سان مسئلا آهن. سنڌس چوڻ هو ته اسان رضاڪارانه طور رجسٽريشن ۽ ڊيهه واپسي جا ڪيترائي موقعا فراهم ڪيا، ٽهڪن ڪري اهو چوڻ غلط آهي ته پاڪستان تڪڙ ڪئي. نگران وزيراعظم چيو ته ڪيترائي غير قانوني ماڻهو بليڪ مارڪيٽنگ ڪندا آهن. ٽيڪس ناهن ڏيندا. آگسٽ 2021 کان گهٽ ۾ گهٽ 16 افغان شهرين پاڪستان ۾ آپگهاتي حملا ڪيا آهن. پاڪستان جڏهن به افغان حڪومت سان سيڪيورٽي مسئلن تي ڳالهايو ته انهن چيو پنهنجو گهر ٺيڪ ڪيو. اسان نيڪ فيصلو ڪري ورتو آهي ته پنهنجو گهر ٺيڪ ڪنداسين.

بقايا 08

اسد عمر کي بري ڪري ڇڏيو ڪيس جي ٻڌڻي سول جج نويد خان ڪئي. عدالت ٻين جوابدارن جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي 24 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي. عمران خان ۽ اسد عمر خلاف ڪورال ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ٿيل هو ياد رهي ته عمران خان جي وڪيل نعيم پنجوٿا ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ ٻين جي خلاف لانگ مارچ، پچ ڊاهه تي داخل 2 ڪيسن ۾ بريت جي درخواست 9 سيپٽمبر تي جمع ڪرائي هئي.

بقايا 09

جو سلسلو جاري رهيو اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب 5 پئسا گهٽتائي ڪانپوءِ انٽر بئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڇاڙي تي ڊالر جو اگهه 283 رپيا 21 پئسا آهي. جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو اگهه 284 رپين 50 پئسن تي برقرار آهي.

بقايا 10

ميڊيا موجب ڪيرالا ۾ ڪورونا جي نئون ڪيسن ۾ مبتلا گهڻن مريضن ۾ ويرينٽ JN.1 جي ڏٺو ويو آهي. اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي ٿي آهي ۽ حڪومت ڪيترين کي پابنديون جو اعلان ڪيو آهي. رياستي سرحد تي نگران وڌائڻ سان گڏوگڏ ڪورونا ٽيسٽ جي مهم هلائي ويندي جڏهن ته شڪي ڪيسن وارن ماڻهن کي لازمي طور تي ٽيسٽ ڪرائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. رياستي حڪومت ماڻهن جي چهري ۾ ميڙاڪن تي پابندي ۽ ٻئي کي گهر ۾ رهڻ جي هدايت ڪئي آهي. جڏهن ته 60 سالن وڌيڪ عمر جي ماڻهن جي ماسڪ پهرڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي. ڪيرالا جي رياستي حڪومت 60 سالن کان وڌيڪ عمر جي شهرين کي چيو آهي ته ڪنگهه، بخار ۽ فلو جهڙين علامتون ظاهر ٿيڻ ته اسپتال سان رابطو ڪن ۽ ڪجهه ڏينهن تائين ميڙاڪن ۾ وڃڻ کان پاسو ڪن. حڪومت چيو آهي ته صورتحال تي لاڳيتو نظر رکي پئي وڃي پر حڪومت هڪ ايڊوائزري آئي رهي آهي جنهن ۾ وڌيڪ پابنديون لڳايون وينديون.

بقايا 11

ٿڌ وڌڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته صبح جو جابلو علائقن ۾ ڪوهيڙو هوندو موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته ڪراچي ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران موسم خشڪ ۽ رات جو ٿڌ وڌڻ جو امڪان آهي. شهر جو گهٽ کان گهٽ پارو 15.5 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو آهي پر اهو 13 ڊگري تائين ڪرڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي موجب ڪراچي جو ڏڻ ڪان پارو 28 کان 30 ڊگري سينٽي گريڊ رهڻ جو امڪان آهي. هوا ۾ گهمر جي شرح 50 سيڪڙو آهي. جڏهن ته اوپر کان هلندڙ هوائن جي رفتار 10 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ آهي. هوائن اتر اوڀر کان گهٽ کان گهٽ پارو ڪاٽو 3 ۽ قلات ۾ ڪاٽو 5 رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا 12

تي تڪ بندين خلاف درخواست تي بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو سپريم ڪورٽ فيصلي ۾ چيو آهي ته چونڊ شيڊول جاري ٿيڻ کان پوءِ تڪ بندين تي اعتراض نٿو ڪري سگهجي. عدالت اليڪشن ڪميشن جي اپيل به منظور ڪري ورتي جسٽس اطهر من الله ريمارڪس ڏنا ته اليڪشن ڪميشن جو سيني وڏو امتحان آهي ته 8 فيبروري تي چونڊون شفاف ٿين جڏهن چونڊون جو شيڊول جاري ٿيندو ته سڀ ڪجهه رڪجي ويندو آهي. جيڪڏهن هن درخواست تي فيصلو ڏنو ته سپريم ڪورٽ ۾ هڪ پٺئي ٻيون درخواستون داخل ڪيون وينديون جيڪو اختيار قانون طرفان اليڪشن ڪميشن کي ڏنو ويو آهي ان کي هاءِ ڪورٽ ڪيئن استعمال ڪري سگهي ٿي. جسٽس منصور علي شاهه چيو ته چونڊ شيڊول جاري ٿيڻ کان پوءِ تڪ بندين بابت سمورا ڪيس غير موثر ٿي چڪا آهي ته ڪنهن به انفرادي شخص کي ريليف ڏيڻ جي لاءِ پوري چونڊ عمل کي متاثر نٿو ڪري سگهي. اسان کي ان حوالي سان لڪير چڪي حد مقرر ڪرڻي آهي. وقتي چيف جسٽس سردار طارق مسعود ريمارڪس ۾ چيو ته مون کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته سڀ چوچاهين ٿا ته چونڊون دڳهيون ٿين. چونڊون ٿيڻ ڏيو بلوچستان هاءِ ڪورٽ بلوچستان جي 2 صوبائي سيٽن شيراني ۽ ژوب ۾ اليڪشن ڪميشن جي تڪ بندي تبديل ڪري ڇڏي هئي. اليڪشن ڪميشن هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي هئي.

بقايا 13

a تي ڪنٽرول سان ڪرنٽ اڪائونٽ سرپلس ٿيو

بقايا 14

جان ڀريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ هر 5 مان هڪ ٻار غذائي ڪوٽ جو شڪار آهي، پاڪستان ۾ 22 سيڪڙو ٻار گهٽ وزن سان پيدا ٿيندا آهن. هن چيو ته پاڪستان ۾ 10 سال اڳ ٻه صحت ۽ غذا جي حوالي سان حالتون بهتر نه هيون، سياسي حڪومتن غذا ۽ صحت تي گهٽ ڌيان ڏنو ۽ وسيلا استعمال نه ڪيا، شهرين جي آگاهي جي حوالي سان به سٺا نتيجا ناهن نڪتا، اسان کي گڏجي ماءُ ۽ ٻار جي صحت تي ڪوششون ڪرڻيون پونديون.

بقايا 15

۾ دلچسپي رکندڙن کان ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ درخواستون گهرايون وينديون قديم آثارن جي ماهرن جي ٽيم ڪجهه ڏينهن اڳ گنويري والا جي قديم آثار جو دورو ڪيو هو ٽيم ۾ شامل سينيئر آرڪيالوجسٽ ۽ پنجاب جي آرڪيالوجي کاتي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر افضل خان ٻڌايو ته سندس ٽيم ڪوٽائي جي عمل جي نگراني ڪندي پر ڪوٽائي لاءِ نجي ڪمپني جون خدمتون حاصل ڪيون وينديون. اهڙيون ڪمپنيون جن وٽ تاريخي ماڳن تي ڪوٽائي لاءِ ماهر موجود آهن انهن سان معاهدو ڪيو ويندو. واضح رهي ته گنويري والا جي آثارن جو پتو 1957ع ۾ ڊاڪٽر محمد رفيق مغل جيڪو اڳوڻي ڊي جي آرڪيالوجي هو ان لڳايو هو ماهرن جو خيال آهي ته سنڌ وادي جي قديم تهذيب جي شهرن هڙاپا ۽ موهن جو دڙو کان پوءِ گنويري والا ٽيون وڏو شهر هو.

بقايا 16

۾ سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بئنچ ڪوئيٽا جي ٻن صوبائي سيٽن تي تڪبندين خلاف اپيل تي ڪم جاري ڪندي چيو ته چونڊ شيڊول جاري ٿيڻ کانپوءِ تڪبندين تي اعتراض نٿو ڪري سگهجي. واضح رهي ته بلوچستان هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن طرفان ڪيل تڪبندي تبديل ڪئي هئي. سپريم ڪورٽ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيندي اليڪشن ڪميشن جي اپيل منظور ڪري ورتي.

بقايا 17

مراد سعيد، اعظم سواتي، حماد اظهر، ميان اسلم اقبال، ڪرامت کوکر، علي امين گنڊاپور، واثق قيوم، مسرت جمشيد چيمه ۽ جمشيد چيمه شامل آهن اختيارين موجب زبير نيازي ملڪ نديم عباس، غلام محي الدين ديوان جا سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪيا ويا آهن پوليس اختيارين ٻڌايو آهي ته اشتهاري جوابدار جي سڃاڻپ ڪارڊ جي ذريعي حاصل ٿيندڙ سمورين سهولتن کان محروم رهندا.

بقايا 18

وزير فواد چوڌري جي ضمانت منظور ڪندي ڪيس 2 لک روپين جا ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو خصوصي عدالت فواد چوڌري کي ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ تي آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ياد رهي ته اينٽي ڪرپشن پوليس فواد چوڌري کي گرفتار ڪري جوڊيشل ريمانڊ تي جيل اماڻيو هو.

بقايا 19

جي ميئر مرتضيٰ وهاب اڄ احمد پرويز آرٽ گيلري آرٽس ڪائونسل ۾ علي عظمت پاران ناهيل قائداعظم جي تصويرن ۽ فن جي نمائش جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي آرٽس ڪائونسل جي ميمبرن ۽ فن جي شوقينن جو وڏو انگ موجود هو تقريب کي خطاب ڪندي نگران اطلاعات واري وزير محمد احمد شاهه چيو ته هو ميڊيا جي مهرباني جو هوئتي ڪري ٿو. هن چيو ته پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي سالگرهه ۽ ڪرسمس جون تقريبون گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتي تائين ٿيڻ گهرجن. هن چيو ته اسان کي ٽورو شرم اچڻ گهرجي ته قائداعظم جي 11 آگسٽ 1947ع واري تقرير موجب پاڪستان کي قائداعظم جو پاڪستان نه بڻائي سگهيا آهيون. محمد احمد شاهه چيو ته پارٽي حڪومت ۽ هاڻ پارٽي سپريم ڪورٽ جي فيصلي ڪانپوءِ هائي پارٽ ۾ هندوتوا جو پردو مڪمل طور تي وائڪوٽي ويو آهي. هن چيو ته پارٽ ۾ اقليتن سان جنهن طرح سان سلوڪ ڪيو پيو وڃي، ان ڪانپوءِ هاڻي ڪي قائداعظم جي پاڪستان کي مضبوط ڪرڻو پوندو. جتي هر قوم، هر مذهب جي ماڻهن کي آزادي سان جيئڻ ۽ زندگي گذارڻ جا برابر موقعا هجن احمد شاهه چيو ته اسان کي ڪجهه ڪرڻ گهرجي جنهن ذريعي اسان پنهنجي قومي تشخص کي بلند ڪري سگهون ٿا. ان موقعي تي هڪ سوال جي جواب ڏيندي جي ثقافت چيو ته سياحتي ماڳن کي صرف پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هلائڻ جي اجازت ڏني ويندي، باقي سمورا اختيار سنڌ حڪومت وٽ هوندا. هڪ سوال جي جواب ۾ نگران اطلاعات واري وزير محمد احمد شاهه چيو ته نگران سنڌ حڪومت مڪمل طور تي غير جانبدار آهي. هن چيو ته هن اليڪشن جا فرض سرانجام ڏيڻ لاءِ تيار آهي. هن چيو ته هن ڪتاب ميلي ۾ مختلف پارٽين جي عهديدارن سان ملاقات ٿي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سياسي اڳواڻن جي بيانن تي جتي ضرورت پوي ٿي ڪارروائي ڪئي ويندي آهي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سنڌ حڪومت بس لاءِ رقم جاري ڪئي آهي. سنڌ جي نگران وڏي وزير ان حوالي سان اعليٰ سطحي رابطو ڪيو آهي ۽ معاملي کي جلد کان جلد حل ڪيو ويندو ان موقعي تي قانون واري وزير عمر سومرو پنهنجي تقرير ۾ علي عظمت جي تصويرن کي ساراهيو تقريب کي خطاب ڪندي ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته باني پاڪستان محمد علي جناح جهڙو مضبوط اعصاب رکندڙ شخص اسان کي آزاد ملڪ جو تحفو ڏنو هن چيو ته ڪرسمس ۽ قائداعظم جي سالگرهه جي ڪا ئي موقعي تي هوندي آهي. تنهن ڪري سنڌ حڪومت ۽ ڪي ايم سي گڏجي ڪرسمس ۽ قائداعظم جي سالگرهه جون تقريبون منعقد ڪندا. بئرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته اسان کي قائداعظم جي نظريي موجب پاڪستان ٺاهڻو آهي. هن چيو ته مصور پنهنجي تصويرن ۾ قائداعظم جي شخصيت کي شاندار انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

بقايا 20

سبب عمارت ڊهي پٽ پئجي وئي، نتيجي ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا ريسڪيو ذريعن موجب ماڙي پور مچر ڪالوني ۾ جعفر چوڪ جي ويجهو سلينڊر ڌماڪي سبب عمارت ڊهي پٽ پئجي وئي ريسڪيو عملدارن موجب مچر ڪالوني ۾ سلينڊر ڌماڪي سبب 3 ڄڻا فوت ٿي ويا آهنبوليس جو چوڻ آهي ته ريسڪيو ٽيمون موقعي تي موجود آهن ۽ امدادي ڪارروايون جاري آهن.

بقايا 21

۾ ماحولياتي آلودگي تي گهڻي جو اظهار ڪندي ملڪ توڙي عالمي سطح تي ٿيل تحقيق ۽ بائيو ٽيڪنالاجي تي عملدرآمد ڪرائڻ جي گهر ڪئي آهي. اسلام آباد ۽ سماجي تنظيم پرائيڊ پيس ۽ ريڊيو نيوز نيٽورڪ طرفان موسمياتي تبديلي ۽ ان جي اثرن جي حوالي سان صحافين لاءِ ورڪشاپ ڪرائي وئي آهي جنهن ۾ سڄي ملڪ مان صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ورڪشاپ کي خطاب ڪندي سماجي تنظيم پرائيڊ پيس جي چيف ايگزيڪيوٽو بدر عالم ۽ ريڊيو نيوز نيٽورڪ جي نجيب احمد چيو ته موسمياتي تبديلي انساني، زراعت ۽ ٻي حيات لاءِ انتهائي خطرناڪ ثابت ٿي رهي آهي جنهن جي روڪٿام وقت جي اهم ضرورت آهي، هن چيو ته ڪول مائننگ، ڊيمن ۽ ٻين تجربن سان ملڪ اندر موسمياتي تبديلي ٿي رهي آهي جنهن سبب پاڪستان تيزي سان نقصان طرف وڌي رهيو آهي. هنن چيو ته دنيا اندر ڊيمن ۽ ڪول مائننگ کي ختم ڪيو پيو وڃي پر پاڪستان ۾ اهڙن تجربن سبب ڏينهون ڏي ٿي رهي جيڪا انساني جانين، زراعت ۽ ٻي حيات لاءِ هاڃيڪار آهن هنن مطالبو ڪيو ته ڪول مائننگ ۽ ڊيمن ذريعي بجلي جي پيداوار سميت ٻين تجربن کي بند ڪري بائيو ٽيڪنالاجي کي هٿي ڏني وڃي ته جيئن موسمياتي تبديلي کان بچي سگهجي.

بقايا 22

انٽرا پارٽي اليڪشن خلاف درخواستن جي ٻڌڻي ڪئي. پي ٽي آءِ چيئرمين بئرسٽر گوهر علي خان ڪميشن آڏو پيش ٿيو. پي ٽي آءِ جي وڪيل بئرسٽر علي ظفر پنهنجي دليلن ۾ چيو ته اليڪشن ڪميشن 20 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائڻ جو چيو. جنهن تي اسان آرڊر تحت چونڊون ڪرايون. بئرسٽر علي ظفر چيو ته چيئرمين جو عهدو 5 سالن لاءِ هوندو آهي ۽ پينل جي چونڊ 3 سالن لاءِ هوندي آهي. جتي بنا مقابلي اليڪشن ٿيندي آهي اتي ووٽنگ جي ضرورت ناهي هوندي. بنا مقابلي چونڊ غير قانوني ناهي. هن چيو ته پاڪستان جي آئين، اليڪشن ايڪٽ ۽ اليڪشن رولز ۾ انٽرا پارٽي اليڪشن ڪرائڻ جو ڪو به ذڪر ناهي. ڳڻپ جي حساب سان ڪيو ويو. علي ظفر چيو ته اليڪشن ڪميشن انٽرا پارٽي چونڊن ۾ ريگيوليٽر ناهي ان کي چونڊ تڪرار ان اداري ۾ ته ٿو اچي سگهي. ڪميشن جي ميمبر پڇاڻو ڪيو ته سڄي ملڪ جون چونڊون پشاور ۾ ٿيون. جنهن تي بئرسٽر علي ظفر چيو ته هر پارٽي جي اليڪشن هڪ ٿي جاءِ تي ٿيندي آهي. پي ٽي آءِ اليڪشن شيڊول ميڊيا ۾ آيو. ان کي موڪليو ويو اليڪشن ڪميشن 30 نومبر تي پولنگ واري ڏينهن سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي. اسان جي 8 لک رجسٽرڊ ووٽرن مان 6 لک اوورسيز پاڪستاني آهن. ان عمل دوران ڪنهن به نامزدگي ڪاغذ جمع ناهن ڪرايا ۽ نه ئي ڪنهن پارٽي سربراهه اليڪشن ڪميشن سان رابطو ڪيو آهي. ڪمشنر صاحب، اسان اهو نٿا چئي سگهون ته اچو ۽ اليڪشن وڙهون. اليڪشن وڙهڻ رضاڪارانه آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته اوهان جلسو نه ٿيڻ ڪري رهيا آهيو. ڪنوينر سلطان راجا جي بيان تي اليڪشن ڪميشن ۽ ٺهڪ لڳي ويا. ميمبر ڪميشن پڇاڻو ڪيو ته توهان جي نامزدگي ڪاغذ ڪٿان ملي رهيا آهن. جنهن تي پي ٽي آءِ جي وڪيل چيو ته اسان جا فارم سينٽرل آفيس ۽ ٻين آفيس مان به ملي رهيا آهن. خبر پئي ٿي اليڪشن ٿي رهي آهي. آها ڪا گهجي اليڪشن نه هئي. درخواستگذار جي وڪيل عزيز الدين ڪاڪا خيل چيو ته اليڪشن نه ٿي. رڳو چونڊ ٿي، پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي اليڪشن ڪالعدم قرار ڏني وڃي. درخواستگذار شاهه فهد چيو ته مون کان اڳ جنهن به پارٽي ۾ شموليت ڪئي ان کي چيلينج ڪريان ٿو ٻڌايو هڪ ڏينهن اڳ منهنجي رڪنيت ختم ڪئي وئي وڪيل شاهه فهد چيو ته منهنجي موڪل خلاف 9 مئي تي ايف آءِ آر داخل آهي. شاهه فهد به اڊيالا جيل ۾ هو. سندس ڏوهه پي ٽي آءِ جو ميمبر هجڻ هو. جنهن ڪري هن وقت سندس پارٽي ڪيس محروم ڪري رهي آهي. پي بنياد اليڪشن قبول نه ٿي ڪري سگهجي. اليڪشن ڪميشن درخواستگذارن جي جواب مڪمل ٿيڻ بعد پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي اليڪشن خلاف درخواستن تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو.

بقايا 23

گرفتاري جي خلاف داخل درخواست تي اڄ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس شهرام سرور چوڌري جي آڏو ٻڌڻي ٿي. جج شير افضل مروت جي ضمانت منظور ڪندي ڪيس ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ياد رهي ته شير افضل مروت 14 ڊسمبر تي لاهور هاءِ ڪورٽ بار کي خطاب ڪري واپس روانو ٿيو ته پوليس کيس گرفتار ڪري ورتو هو ۽ سندس ٽري ايم پي او جي تحت گرفتاري ظاهر ڪئي هئي.

بقايا 24

سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد فخر عالم سان صوبائي اليڪشن ڪمشنر شريف الله ملاقات ڪئي جنهن ۾ عام چونڊن ۾ انتظامن جي حوالي سان تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران ڊاڪٽر محمد فخر عالم چيو ته سنڌ حڪومت طرفان چونڊون پرامن منعقد ڪرڻ لاءِ سموريون تياريون ڪيون ويون آهن. چونڊن جي لاءِ سيڪيورٽي ۽ ٽرانسپورٽ پلان به تيار ڪيو ويو آهي. سنڌ جي چيف سيڪريٽري صوبائي اليڪشن ڪمشنر کي يقين ڏيارايو ته اليڪشن ڪميشن کي سموريون سهولتون فراهم ڪيون وينديون. ان موقعي تي سنڌ جي صوبائي اليڪشن ڪمشنر شريف الله چيو ته اليڪشن ڪميشن عام چونڊن 2024 جي لاءِ سموريون تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن.

بقايا 25

پهرين بال سان ڪيڏي ڪري اڄ صبح جناح ڪرڪيٽ گرائونڊ ناظم آباد نمبر 5 ۾ جناح ٽرافي ٽورنامينٽ جو افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي مسز اسماءِ شاهه پڻ موجود هئي. جڏهن ته راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جا لاڳاپيل آفيسر ۽ نوجوان رانديگرن جو وڏو انگ موجود هو ان موقعي تي ٻڌايو ويو ته جناح ڪرڪيٽ ٽرافي کي نگران صوبائي وزير راندين، نوجوانن جي معاملن، ثقافت، نوادرات ۽ آرڪائيوز ڊاڪٽر سيد جنيد علي شاهه ۽ مسز اسماءِ شاهه جي سرپرستي هيٺ منعقد ڪئي پئي وڃي. ٽورنامينٽ ۾ ڪل 16 ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن، جن ۾ 8 ڪلبن جون ٽيمون ۽ 8 ٽيمون ڪراچي جي مختلف ڪاليجن جا رانديگرن تي مشتمل آهن. ان موقعي تي ايڊيشنل سيڪريٽري اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئر محمد توفيق چيو ته صحتمند جسم هڪ صحتمند ذهن لاءِ تمام ضروري آهي ۽ راندين اسان کي جسماني صحت برقرار رکڻ جو بهترين وسيلو فراهم ڪن ٿيون. هن چيو ته راندين ۽ نوجوانن جي معاملن وارو کاتو هن ٽورنامينٽ کي منعقد ڪرڻ ۾ ڀرپور حوصلا افزائي ڪندو ۽ ڪاتو صوبي ۾ راندين ۽ نوجوانن جي مثبت سرگرمين لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪندو. هن ٽورنامينٽ منعقد ڪرڻ تي منتظمين ۽ ٽورنامينٽ ۾ حصو وٺندڙ ٽيمن کي مبارڪباد ڏني.

بقايا 26

20 سيڪڙو گهٽ ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ڊي جي ڪي ڊي اي موجب پارڪنگ پلازا کي آباد ڪنداسين. جڏهن ته نئين سال کان اڳ ڪمپيوٽرائزڊ لينڊ رڪارڊ سسٽم جو افتتاح ٿي ويندو. ڪراچي جي علائقي سرجاني ٽائون ۾ مختلف ترقياتي منصوبن جو جائزو وٺڻ دوران نويد انور چيو ته ڪراچي وارن لاءِ پنهنجي گهر جو خواب ضرور پورو ٿيندو. پيپلز اسڪاءِ ويو پراجيڪٽ جا اگهه 20 سيڪڙو گهٽ ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته جعلي فائلز ۽ جعلي تصديق جو وقت گذري ويو. ڪمپيوٽرائزڊ لينڊ رڪارڊ سسٽم تي 95 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي ويو آهي. سندس چوڻ هو ته لائنز ايريا پارڪنگ پلازا کي آباد ڪرڻ لاءِ مختلف تجويزن تي ڪم ڪري رهيا آهيون. سرجاني ۾ نئين انڊسٽريل زون لاءِ 85 ايڪڙ زمين ڏئي سگهون ٿا. جڏهن ته ايندڙ 15 ڏينهن اندر سيڪٽر 8 تي قابض مافيا خلاف ڪارروائي شروع ڪنداسين.

بقايا 27

ٿو ته گهوٽ اسٽيج تي ويٺو آهي، جڏهن ته ان جي پرسان ويٺل ڇوڪري پئسا ڳڻي رهي آهي. ان دوران گهوٽ اوچتو هيٺ ڪري پوي ٿو وڃي. پوليس موجب گهرڀاتين جو چوڻ آهي ته گهوٽ جو موت دل جو دورو پوڻ سبب ٿيو. جڏهن ته انهن قانوني ڪارروائي کان انڪار ڪيو آهي.

بقايا 28

موبائل فون ڦاٽي پيو جنهن جي ڪيس خبر نه پئي پر موبائل فون مان دونهون نڪرڻ تي وڪيل ڪوٽ لاهي ڦٽو ڪري ڇڏيو متاثر وڪيل ٻڌايو ته موبائل فون کيسي ۾ وڌل هو، اوچتو محسوس ٿيو ته دونهون نڪري رهيو آهي. هن ٻڌايو ته رات جوان کي مڪمل چارج ڪيو هو ۽ پاور بئنڪ به نه لڳل هئي.

بقايا 29

ڪراچي جي عملي بلوچستان کان ڪراچي پهچندڙ خالي ڪنٽينر جي اسپيئر ويل مان 70 ڪلو چرس برآمد ڪيو سٽم اختيارين موجب گذريل رات ڪراچي ۾ ناردرن باءِ پاس جي ڪچي جي علائقي ديهه مائي گاڏي مان گذرندڙ ٽرالر جي شڪ جي بنياد تي تلاشي ورتي وئي ته ان تي خالي ڪنٽينر لوڊ هو اختيارين ٻڌايو ته عملي ٽرڪ جي تفصيلي جاچ ڪئي ۽ ٽرڪ جي ٽول باڪس حصي ۾ موجود اسپيئر وهيل کي چيڪ ڪيو ته ان مان چرس جا 57 پيڪيٽ برآمد ٿيا. جن جو ڪل وزن 70 ڪلو گرام ۽ ماليت هڪ ڪروڙ 5 لک رپيا آهي. اختيارين موجب برآمد چرس ۽ ٽرالر کي ضبط ڪري ٽرڪ تي سوار ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جن خلاف منشيات روڪ ۽ ڪسٽم ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 30

وڪيل عدالت کي آگاهه ڪيو ته متاثرين کي پاڙي جي مدد ۾ ڪافي چيڪ مليا آهن پر متبادل گهر ڏيڻ واري حڪم تي عمل نه ٿيو آهي سپريم ڪورٽ جو حڪم هو ته متاثرين کي 80 گز جا گهر ناهي ڏيو. سرڪاري وڪيل جواب لاءِ مهلت جي استدعا ڪري ڇڏي. ٻڌڻي خميس تائين ملتوي ڪئي وئي آهي ٻڌڻي جي موقعي تي عدالت ٻاهران گجر، اورنگي ۽ محمود آباد نالن جي متاثرن جو احتجاج. پاڙي جي مدد ۾ رهيل چيڪ جاري ڪرڻ ۽ گهر ٺهرائي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ويو.

بقايا 31

آهي. ذريعن موجب پرڏيهي ڪمپني طرفان معاهدي موجب ايل اين جي سپلاءِ نه ڪئي وئي هئي ۽ ان سان پاڪستان کي ڪروڙين ڊالرن جو نقصان ٿيو هو ذريعن جو چوڻ آهي ته پرڏيهي ڪمپني سان 2022 تائين ايل اين جي فراهمي جو 5 سالن جو معاهدو هو، پرڏيهي ڪمپني سان معاهدو برينٽ قيمت جي 11.62 سيڪڙو جي برابر هو. ايل اين جي ڪارگوز رد ٿيڻ سان پاڪستان کي مهانگي ترين ايل اين جي خريد ڪرڻي پئي. ذريعن موجب پرڏيهي ڪمپني ڪارگوز پاڪستان کي ڏيڻ بدران ٻين منافعي تي امير ملڪن کي ڏنا. ايل اين جي معاهدي جي ڀڃڪڙي تي پاڪستان عالمي ثالثي عدالت سان رابطو ڪيو هو ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان 10 ڪارگوز لاءِ ٻن پرڏيهي ڪمپنين سان معاهدا ڪيا هئا. ٻنهي پرڏيهي ڪمپنين معاهدي موجب پاڪستان کي ارگوز نه ڏنا. پاڪستان ٻي پرڏيهي ڪمپني سان ان معاملي تي ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو آهي ۽ اها پاڪستان جي مطالبي تي غور ڪري رهي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ٻي پرڏيهي ڪمپني سان 2032 تائين 15 سالن جو ايل اين جي معاهدو آهي ۽ اهو برينٽ قيمت جي 12.14 سيڪڙو تي معاهدو هو. ٻي پرڏيهي ڪمپني خلاف في الحال پاڪستان عالمي ثالثي عدالت سان رابطو ناهي ڪيو.

بقايا 32

ته اليڪشن ڪميشن 8 فيبروري 2024ع تي ٿيندڙ عام چونڊن لاءِ سموريون تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن اليڪشن ڪميشن آزاد، منصفاڻي ۽ غيرجانبدار چونڊون ڪرائڻ لاءِ مڪمل تيار آهي. هن وڌيڪ چيو ته پولنگ اسٽيشنن تي سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳائڻ کي يقيني بڻايو ويندو. صوبائي اليڪشن ڪمشنر وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪميشن چونڊن لاءِ پرامن ماحول فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. گڏجاڻي دوران جوائنٽ صوبائي اليڪشن ڪمشنر (اليڪشنز) سنڌ علي اصغر سيال پڻ موجود هئا.

بقايا 33

ٿيڻ کان پوءِ تڪ بندين تي اعتراض نٿو ڪري سگهجي. عدالت اليڪشن ڪميشن جي اپيل به منظور ڪري ورتي. جسٽس اطهر من الله ريمارڪس ڏنا ته اليڪشن ڪميشن جو سيني وڏو امتحان آهي ته 8 فيبروري تي چونڊون شفاف ٿين جڏهن چونڊن جو شيڊول جاري ٿيندو ته سڀ ڪجهه رڪجي ويندو آهي. جيڪڏهن درخواست تي فيصلو ڏنو ته سپريم ڪورٽ ۾ هڪ پٺئي ٻيون درخواستون داخل ڪيون وينديون جيڪو اختيار قانون طرفان اليڪشن ڪميشن کي ڏنو ويو آهي ان کي هاءِ ڪورٽ ڪيئن استعمال ڪري سگهي ٿي. جسٽس منصور علي شاهه چيو ته چونڊ شيڊول جاري ٿيڻ کان پوءِ تڪ بندين بابت سمورا ڪيس غير موثر ٿي چڪا آهي ته ڪنهن به انفرادي شخص کي ريليف ڏيڻ جي لاءِ پوري چونڊ عمل کي متاثر نٿو ڪري سگهجي. اسان کي ان حوالي سان لڪير چڪي حد مقرر ڪرڻي آهي. وقتي چيف جسٽس سردار طارق مسعود ريمارڪس ۾ چيو ته مون کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته سڀ چو چاهين ٿا ته چونڊون دڳهيون ٿين. چونڊون ٿيڻ ڏيو بلوچستان هاءِ ڪورٽ بلوچستان جي 2 صوبائي سيٽن شيراني ۽ ژوب ۾ اليڪشن ڪميشن جي تڪ بندي تبديل ڪري ڇڏي هئي. اليڪشن ڪميشن هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي هئي.

سنڌ حڪومت نوشهرو فيروز ضلعي جي نون پرتي ٿيل 7 ڪان وڌيڪ استادن کي ٻين شهرن ڏانهن بدلي ڪري ڇڏيو

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) تعليم کاتي سنڌ جو انوکو ڪارنامو نوشهرو فيروز ضلعي جي نون پرتي ٿيل 7 کان وڌيڪ استادن کي اسٽوڊنٽ ٽيچرس ريشو(ايس ٽي آر) پاليسي جو سبب ڄاڻائي ڪراچي ۽ حيدرآباد جي مختلف اسڪولن ۾ بدلي ڪري ڇڏيو بدلي ٿيل استاد پڳهار نوشهرو فيروز ضلعي جي پنهنجي اصلي پوسٽنگ وارن اسڪولن مان کڻندا ۽ ڪم ڪراچي ۽ حيدرآباد شهرن جي اسڪولن ۾ ڪندا ايس ٽي آر پاليسي تحت بدلي ٿيلن ۾ مورو تعلقي جي رحيم چند پرائمري اسڪول جي ليڊي ٽيچر فوزيه ۽ ڪنڊيارو جي يعقوب گوپانگ اسڪول مان ماهنور جنو کي ڪراچي بدلي ڪيو ويو آهي مورو تعلقي جي درس اسڪول مان ايس ٽي آر تحت رشيدان کي حيدرآباد بدلي ڪيو ويو آهي گرلس هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز مان صوبيا سهتو کي به ايس ٽي آر تحت ڪراچي بدلي ڪيو ويو آهي مورو جي گچيرو پرائمري اسڪول مان صنم سومرو کي به ايس ٽي آر تحت ڪراچي پڙهائڻ لاءِ موڪليو ويو آهي ايس ٽي آر جي معني آهي ته جنهن اسڪول ۾ آهي اتي ٻار گهٽ آهن ۽ جنهن اسڪول ۾ وڃي ٿي اتي ٻار گهڻا آهن نون پرتي ٿيل استادن جي آرڊر ۾ اهو واضع ٿيل آهي ته اهي 3 سالن تائين بدلي نه ٿا ڪرائي سگهن پران جي باوجود ضلعي نوشهروفيروز جي مختلف تعلقن مان 7 فيميل ۽ ميل استاد ايس ٽي آر تحت بدلي ڪيا ويا آهن ۾ مزي جي ڳالهه اها آهي ته اهي بدلي ٿيل استاد پڳهار نوشهرو فيروز جي اسڪولن مان کڻندا رهندا

ونئي شهر سکر اندر رات جي اونداهي دوران مختلف چوڪن. تي هيرون واپرائي رهيا آهن ۽ رات جي وقت هيرون واپرائڻ وارن هنڌن تي منشيات فروشن جا ماڻهون منشيات ڪارين شاپرن ۾ وجهي چوڪن تي ويٺل هوندا آهن جتي هيرونن کي سهولت فراهم ڪندا آهن رات جي وقت پوليس گشت ڪندڙ توڙي شهرين کي تحفظ فراهم ڪندڙ ڏوهن تي ڪنٽرول ڪندڙ پوليس عملو پنهنجن پنهنجن پوليس موبائيلن اندر گشت دوران سڀ ڪجهه ڏسندي رهندي آهي ۽ هيرون واپرائيندڙ ۽ هيرون ڪپائيندڙن کي گرفتار ناهين ڪندي ٻڌي وکرو ڪندڙ ۽ واپرائيندڙ ٻاک ڦتي محل ڏينهن ٿيندئي شهر مان غائب ٿي ويندا آهن عام شهرين جي اڄ وچ دوران چوٽ جتي هيرون وکرو ڪندڙ وڏا ڊيلرن جا پڪا ٺاڪ سکر شهر جي آس پاس سائيٽ ٿاڻي جي حد. نيو پنڊ، ۽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد اندر آهي ڊيلر موجود آهن سائيٽ ايريا ٿاڻي

سينيئر صحافي نظير احمد جي ٻت جي شادي جي بارات کان ڦرڻي وئي ايس ايس پي صاحب صرف ايس ايڇ او بدلي ڪيو پر سامان رڪور نه ٿيو جنهن جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ۽ پوليس مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي روڊ رستا ڌوهارين حوالي آهن هنن وس وارن ۽ ڊي سي شڪارپور کان مطالبو ڪيو ته بليڪ تي وڪرو ڪندڙ واپارين خلاف ڪاروائي ڪري سرڪاري اگهه تي پاڻ فروخت ڪرڻ جي عمل کي يقيني بڻايو وڃي جيئن غريب هارين کي ريليف ملي سگهي هنن ايس ايس پي کان به مطالبو ڪيو ته صحافي جو ڦر ٿيل سامان جلد رڪور ڪرايو وڃي ۽ ٿاڻن تي فرض شناس ۽ ايماندار ايس ايڇ اوز مقرر ڪيا وڃن جيڪي ڏوهن تي ڪنٽرول ڪن ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو احتجاج ۾ جي يو اءِ تعلقي خانپور جي سوين ڪارڪنن شرڪت ڪئي.

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ڪراچي
Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com